# پاڪستان ۾ قومي سوال

امداد چانڊيو

# پاکستان اور قومی سوال؟!

# پاڪستان ۾ قومي سوال؟

امداد چانڊيو

پريت پبليڪيشن
حيدرآباد

سڀ حق واسطا قائم

دفعو پهريون ——— ١٩٨٦ع
ڇپيندڙ ——— ليو گرين پرنٽرس ڪراچي
ڇپائيندڙ ——— مئنيجر

ملهه: ٢٥ روپيا

# مهاڳ

پاڪستان ۾ قومي سوال تي عام بحث هلندڙ آهي. سيئي رجعت پسند، پاڪستاني قوم، اسلامي قوم جا نعرا هڻي رهيا آهن ۽ پاڪستان ۾ رهندڙ چئن قومن جي وجود جا پڻ انڪاري آهن ۽ اڃان به ته: قومي حقن لاءِ جدوجهد ڪندڙ ترقي پسند قوتن لاءِ ملڪ دشمن ۽ اسلام دشمن هجڻ جون فتوائون ڏيندا ٿا رهن ۽ ڏيندا رهندا ڇو ته سندن مٿان اهوئي ڪم رکيل آهي.

ٻئي طرف جيئن ته جمهوري جدوجهد (يعني جي هلايل جدوجهد) ۾ قومي سوال هڪ اهم حيثيت ولاري چڪو آهي. اهڙي دور منجهه ترقي پسند ۽ جمهوري قوتن ۾ پڻ قومي سوال تي گرماگرم بحث هلندو ٿو رهي. جيئن ته الڳ الڳ گروپن وچ ۾ پروگرام ۽ عمل تي اختلاف پڻ موجود آهي. ان مسئلي کي مارڪسزم جي روشني ۾ ڪهڙي ريت ڏسڻ گهرجي ۽ ان مسئلي ڏانهن ڪهڙو رويو رکڻ گهرجي. اهو آهي هن ڪتاب جو ٿلهي ليکي تت.

— سچ ته سنڌي ۾ قومي سوال تي هي پهريون ئي ڀرپور ڪتاب آهي جو مارڪسزم جي روشني ۾ قومي مسئلي کي پرکڻ لاءِ اسان جي ڀرپور مدد ڪندو. امداد چانڊيو کي جس هجي جنهن اهڙي وڏي ڪم کي پنهنجي هٿ ۾ کڻي توڙ رسايو.

حقيقت ۾ امداد جو هي ڪتاب هڪ بحث تي ٻڌل آهي ۽ اسان وٽ اڄ ڏاڍين بحث ڪي انقلابي طرح ڏسڻ بجاءِ ذاتي انا جي ڪسوٽي تي پرکڻ جي عادت پئي رهي آهي. اميد اٿئون ته هي ڪتاب انهي رويي کان پري هٽي، دوستانه طرح ملڪ جي ترقي پسند جمهوري قوتن ۾ هڪ بحث جو آغاز ڪندو. اسين اميد ٿا رکون ته انهي مسئلي تي اهڙا ڪي ٻيا ڪتاب پڻ جلد اڳيان ايندا ته جيئن هر ڪو هن ملڪ ۾ قومي سوال جي حل متعلق مارڪسي نقطه نگاه کان واقفيت ٿي سگهي.

(ادارو)

پاڪستان ۾ انقلابي تحريڪ ڦوٽ ۽ ورهاست جو ناقابل تصور نقصان سٺو- ڪي مائو نواز سرڪاري پاليسين جا مداح ڪي بزدل ۽ ڪي موقعي پرست بنجي ويا. اڄ جي ترقي پسند نوجوان ٿهي انهن حقيقتن کان تفصيلي طور باخبر ناهي. پر هر عام ۽ خاص اهو ڄاڻي ٿو ته هن ٿي سامراج نواز فوجي آمريت جي دور ۾ ۹ آگسٽ ۱۹۸۰ع تي ايس اين ايس جي صدر ۽ ڊي ايس ايف جي بانيڪار نذير عباسيءَ فوجي باريڪن ۾ جام شهادت پيتو. حسن ناصر جيان ان جو لاش به ”منظر عام“ تي ڪونه آيو. پر جيڪڏهن ڪو اهو سمجهي ويهي رهي ته سامراج نواز حاڪمن جا اهي قدم ”اتفاقي“ آهن ۽ اهي ”حادثاتي موت“ آهن يا انهن جو انقلابي جدوجهد سان واسطو ڪونهي ڇو ته نه اهي شخص ۽ نڪي سندن شهادت کان پوء انهن جا لاش ”منظر عام“ تي اچڻ ٿا، منهنجي نظر ۾ درست نٿو سمجهي- تشدد ۽ ڏاڍ انقلابي، پورهيت هلچل ڪي ختم نٿو ڪري سگهي. حاڪم طبقي جي اها خواهش هجي ته هجي، ڪنهن ترقيءَ پسند کي ائين ته نه سوچڻ کپي انقلابي تحريڪ کي رياستي تشدد جي باوجود تمام گهڻو مضبوط ٿيڻو آهي، عوام جي وسيع حصن جو اڳواڻ بنجڻو آهي ۽ تاريخي ڪردار ادا ڪرڻ لاء رتو رت ٿي وڃڻ لاء تيار رهڻو آهي. افسوس اهو آهي ته دوستن کي جماعت اسلامي جي گڏ ڪيل قوت جو اعتراف آهي، پر هنن کي انقلابي تحريڪ ۽ قومي جمهوري قوتن جي سگهه تي بي اعتمادي آهي. رجعت پرستي ۽ استحصالي قوتن جي طاقت جو سرچشمو بين الاقوامي سامراج ۽ ملڪ اندر رياستي ڏنڊو آهي. حاڪم طبقي جي روز بروز وحشي بنجڻ جي اها معنيٰ ڪانهي ته ان

۽ برطانوي سامراج سان ساز باز ڪندڙ مسلم گجراتي، ڪاٺياواڙي سرمائيدار واپاري پاڪستان جي صورت ۾ پنهنجي لاءِ هڪ مارڪيٽ چاهي پئي. اهي معاشي مفاد محرڪ هئا جن جي سياسي ترجماني مسلم ليگ ڪري رهي هئي. گڏيل هندوستان ۾ ورهاڱي ڪان ٿورو اڳ تائين برطانوي سامراج جي نوآبادياتي غلاميءَ جي خلاف هندستان جي عوام جي قومي آزادي جي تحريڪ وڏيڪ انقلابي رخ اختيار ڪري چڪي هئي. مزدور طبقي جي طبقاتي جدوجهد جهازين جي بغاوت جهڙا جرئت مندانه قدم کڻي رهي هئي. آزادي جي تحريڪ جي انقلابي شڪلين برطانوي نوآبادڪارن سان گڏ هندستان جي بورجوا ليڊرشپ کي به ڏڪڻي ۾ مبتلا ڪري ڇڏيو هو. برطانوي سامراجين تحريڪ آزادي کي ورهائڻ خاطر هندوستان جي ورهاڱي تي عمل ڪيو.

بنيادي طرح پاڪستان جو جنم نه ڪنهن خاص قوم جي بالادستي جو ۽ نڪي ڪنهن خاص قوم جي مغلوب ٿيڻ جو نتيجو هو. مسلم ليگ جو ٻه قومي نظريو هو، هندستان جي بورجوازي جي خلاف ٻه قومي نظريي واري مسلم قوم پرستي نه ته بنگالي، پنجابي ۽ سنڌي قوم جي قوم پرستي هئي. ۽ نه ئي پاڪستان پنجابي قوم طرفان سنڌين، بنگالين، پٺاڻن ۽ بلوچن تي ”قومي جبر“ خاطر وجود ۾ آندو ويو هو. جيئن مثال طور خود وطن دوست جا دوست لکن ٿا.

پاڪستان ٺهڻ لاءِ سٽيل سازش ۾ هڪ ڌر برطانوي سامراج هو ته ٻيون ڌريون سنڌ ۽ پنجاب جو جاگيردار، پنجاب جو سرمائيدار، يوپي جو مسلمان وچولو طبقو ۽ ڪاٺياواڙ ۽ گجرات جو مسلمان سرمائيدار سڀيئي مسلم ليگ جي روپ ۾ موجود

هيا. مسلمان هڪ قوم جي نعري هيٺ سازش ۾ شريڪ ٿي مسلم ليگ ۾ شامل مختلف طبقن جي نمائندن جن جي اڳواڻي سرمائيدار طبقي ڪئي، پاڪستان جو ٤٧ع ۾ نهڻ هڪ قوم آزاد ٿيڻ يا نهڻ نه هو، پر هڪ وڏي مضبوط رياست ڪي ٽوڙي مختلف قومن کي ورهائڻ (جهڙوڪ پنجابي ۽ بنگالي) ۽ ڏار ڪري هڪ رياست ۾ زوري قيد ڪري سامراجي مفادن جي تڪميل ڪرڻ هو. هن ۾ مفاد ٽن قومن سنڌي، پنجابي ۽ بنگالي قوم جي عوام جو نه پر مٿئين طبقي جو هو.“ صفحو ٣٤

خود دوستن جي زباني ۽ منهنجي گذارش مان آخري نتيجو ته اهوئي ٿو نڪري ته پاڪستان جي رياست جو بنياد طبقاتي آهي، نه ڪي قومي. انڪري پاڪستاني رياست هڪ طبقاتي رياست آهي ۽ اها استحصالي سامراج نواز طبقن جي هٿ ۾ جمهوري ۽ محنت ڪش طبقن کي چيڀاٽڻ جو هٿيار آهي. اها صرف پاڪستاني رياست جي خصوصيت ناهي پر استحصالي سماج ۾ هر رياست طبقاتي هوندي آهي ۽ اها حاڪم طبقي جي هٿ ۾ مظلوم عوام کي دٻائي ۽ چيڀاٽي رکڻ جو هٿيار هوندي آهي. ساڳي وقت تي هر طبقاتي رياست ۾ حڪمران استحصالي طبقا طبقاتي استحصال سان گڏ قومي جبر ڪندا ۽ قومي امتياز پڻ روا رکندا آهن. جيئن پاڪستان ۾ ٿيندو پيو رهيو آهي. ڀهڙي ريت ٿيوري ۾ اها ڳالهه صحيح آهي ته قومي جبر، طبقاتي جبر ۽ استحصال جو هڪ حصو آهي تيئن عمل ۾ به پشتونن، بلوچن، بنگالين ۽ سنڌين تي بحيثيت قوم جي ٿيل ۽ ٿيندڙ جبر رياستي جبر ۽ وڏي طبقاتي استحصال جو الوٽ حصو آهي. حاڪم طبقي جو رياستي جبر، استحصالي طبقن جي ڦرلٽ ۽ قومي جبر هڪ ٻئي کان جدا ناهن.

سو اهو چوڻ ته پاڪستان جو وجود طبقاتي جبر ۽ استحصال کان وڌيڪ قومي جبر تي ٻڌل آهي، اهو ظاهر ڪري ٿو ته ليڪن جي نظرئي ۽ سوچ جو محور ڀهرين قومي آهي ۽ پوءِ طبقاتي. يعني، قوم پرستن وارو انداز فڪر، نڪي مارڪسي. ان سوچ جو لازمي نتيجو اهو نڪري ٿو ته ماڻهو طبقاتي محرڪن ۽ تضادن کي تاريخ جي ارتقا جو بنياد نه سمجهندو، اهم تاريخي واقعن کي به پروڙي نه سگهندو، پر قومن جي هڪ ٻئي سان ٽڪراءَ کي ئي بنياد سمجهڻ لڳندو. سو تاريخ جا اهم واقعا، سماجي تحريڪون ۽ نظريا چاهي اهي قومي روپ ڇونه رکندڙ هجن، طبقاتي تضادن ۽ مفادن جي ترجماني ڪن ٿا. مثال طور لينن چيو آهي ته:

...."سيني گهرن ۽ اهم سياسي سوالن تي گروه بندي قومن جي مطابق نه پر طبقن جي مطابق ٿيندي آهي" ........ قومي سوال جو تنقيدي جائزو صفحو ۳۸، مڪتبه دانيال.

پر باوجود ان بحث جي، هنن دوستن جي لکڻيءَ مان اهو ظاهر ٿئي ٿو ته هنن قومي جبر ۽ طبقاتي جبر جي وڌيڪ ۽ گهٽ يا اڳ ۽ پوءِ جو تڪرار اٿاري اهو ثابت ڪيو آهي ڇاڪاڻ مظلوم طبقن جا مفاد ۽ مظلوم قومن جا مفاد متصادم هجن. هي طبقاتي جبر ۽ قومي جبر کي متضاد سمجهن ٿا. ان ريت هي دوست مزدور طبقي جي طبقاتي هلچل کي ۽ مظلوم قومن جي قومي حقن واري جدوجهد کي هڪ ٻئي کان ڌار ڪري ٿا ڇڏين. جڏهن ته مزدور طبقي جو عظيم مشن آهي ئي اهو ته هو انقلاب صرف ۽ صرف پنهنجي طبقي جي مفاد ۾ نه پر سڄي سماج جي پيڙهيل طبقن ۽ حصن جي مفاد ۽ آزاديءَ لاءِ برپا ڪرڻ چاهيندو آهي. ٻين لفظن ۾ محنت ڪش طبقو پنهنجي

آزادي وسيلي سچي سماج کي آزادي ڏياريندو آهي. انڪري پاڪستان ۾ محنت ڪش عوام جي انقلابي هلچل جي سوپ نه صرف طبقاتي استحصال جو انت آڻيندي پر قومي جبر، قومي حق تلفين ۽ قومي امتياز جي سيني شڪلين جو خاتمو آڻيندي. جڏهن ته سامراج ۽ سرمائيداري راڄ ۾ طبقاتي استحصال ۽ قومي جبر ۾ شدت حڪمران طبقن جي اباڻي استحصالي فطرت ۾ شامل آهي. سو هڪ رياست اندر محنت‌ڪش عوام جا مفاد ۽ مظلوم قومن جا مفاد مشترڪ آهن. انهن جو دشمن هڪ آهي يعني سامراج ۽ ڏيهي دلال.

## دلال سرمائيدار ۽ فوجي ۽ سول نوڪر شاهي جي مفادن ۾ هڪ جهڙائي آهي يا تضاد؟

صفحي نمبر ۳ تي دوست لکن ٿا: ”هاڻي ڏس همراه جو معروضي صورتحال کي سمجهڻ جو ڏانءُ. واه سائين واه! اول ته هي همراه اهو سمجهي ڪونه سگهيو ته هتي جي رياست جو سڄو ڪاروبار فوجي ۽ نوڪر شاهي هلائي رهي آهي نه ڪي دلال سرمائيدار. ٻيو اهو ته اها نوڪر شاهي دلال سرمائيداري جو روپ اختيار ڪندي پئي وڃي. اهو بلڪل صحيح آهي ته رياست ڪنهن نه ڪنهن طبقي جي نمائندگي ڪندڙ هوندي آهي ڇوته رياست سماج جو مٿاهون ڍانچو آهي. سماج لازمي طور تي طبقن تي مشتمل ٿئي ٿو (طبقاتي سماج نه ڪي غير طبقاتي سماج). تنهن ڪري رياست پڻ انهيءَ سماج ۾ ڪنهن نه ڪنهن طبقي جي هٿ ۾ ڪنهن ٻئي طبقي کي دٻائڻ جو اوزار هوندي آهي. پر هتي بحث جو اصل سوال اهو ناهي ته پاڪستان ۾ رياست طبقاتي آهي يا غير طبقاتي.

چوته جتي به طبقاتي سماج هوندو، اتي رياست ضرور هوندي، ڪنهن جي مجڻ يا نه مجڻ سان فرق ڪونه ٿو پوي" [منهنجي خيال ۾ بحث جو اصل سوال آهي ئي اهو، جنهن ڪان ليڪ حضرات لنوائڻ جي ڪوشش ڪندي پڪڙجي پيا آهن. ۽ ان جي "مجڻ يا نه مجڻ سان" وڏو فرق ٿو پوي.........
"اهڙيءَ ريت اها رياست طبقاتي هوندي چو ته رياست جو وجود طبقن جي وجود ۾ اچڻ سان ئي ٿيو آهي ۽ جيئن ئي طبقا نه رهندا ته رياست پڻ نه رهندي. رياست متعلق اينگلس چوي ٿو ته: چوته رياست طبقاتي تضادن کي محدود ڪرڻ جي ضرورت تحت پيدا ٿي، چوته انهن طبقن وچ ۾ جهيڙي دوران ئي پيدا ٿي. انهي ڪري هي رياست عام قائدي مطابق انتهائي طاقتور ۽ معاشي طور تي حڪمران طبقي جي ٿئي ٿي جيڪو رياست وسيلي سياسي طور تي پڻ حڪمران بنجي وڃي ٿو ۽ اهڙي ريت مظلوم طبقي کي ڪچلڻ ۽ ان جي استحصال ڪرڻ لاءِ نوان ذريعا حاصل ڪري وٺي ٿو. (اينگلس: خاندان، ذاتي ملڪيت ۽ رياست) رياست جيئن ته حڪمران طبقي جي هٿ ۾ مظلوم طبقي کي دٻائڻ جو اوزار، هي "نظم و ضبط" جو قائم ٿيڻ آهي، جيڪو طبقن وچ ۾ جهيڙي کي ٿڌو ڪري انهيءَ دٻاءَ کي قانوني ۽ مستقل بنائي ٿو. لينن: رياست ۽ انقلاب. تنهن ڪري رياست جي وجود کان انڪار ڪونهي.
....پر اصل سوال اهو آهي ته هتي رياست تي قبضو ڪهڙي طبقي جو آهي؟ اهوئي آهي سوال جو نوس گر. ليڪ هڪ معني ۾ چوي ٿو ته رياست تي ڪنٽرول نوڪر شاهي جو آهي ۽ سندس پٺ تي سوار دلال سرمائيدار آهي. هي موجوده رياست جي ڪردار ۽ ان تي قابض ڪنهن مخصوص طبقي

ڪي سمجهڻ جو اهڙوئي طريقو آهي جهڙو فلسفي متعلق هيگل جو، معاشيات متعلق پرڌون جو ۽ سياست متعلق باڪونين جو........ صفحو نمبر ٣٠

رياست جي باري ۾ مارڪس، اينگلز ۽ لينن جي تصور کي دوستن چٽيو آهي پر ساڳي وقت رياست جي باري ۾ مارڪسي ليننی تصور جي چٽيل ان تصوير ۾ پرولتاريه جي ڪردار کي گول ڪيو ويو آهي. دوستن لينن جي ڪتاب "رياست ۽ انقلاب" مان اقتباس پيش ڪيا آهن. ان ئي ڪتاب جي مطالعي مان واضح ٿئي ٿو ته مارڪسزم جي عظيم دانشورن هڪ طرف انهن بورجوا مفڪرن جي خيال کي رد ڪيو آهي جيڪي رياست کي "آفاقي" ۽ غير جانبدار ڏر سمجهندا هئا يا ان ڳالهه کان انڪار ڪندا هئا ته ظالم ۽ مظلوم طبقن جي جنگ ۾ رياست ظالم طبقي جي حق ۾ استعمال ٿئي يا ان جي جابرانه قوت ظالم طبقي جي استحصال ۽ قبضي کي برقرار رکڻ لاءِ ضرورت جو نالو آهي. پر ساڳي وقت لينن انارڪسٽن کي ننديو ٿو جيڪي رياست کي تباه ڪرڻ (Abolish) ڪرڻ جي ڳالهه ڪندا هئا ۽ ڪارل ڪائوتسڪي کي به ننديو ٿو جيڪو رياست جي طبقاتي وجود ۽ جبر جي قوت کي ته مڃيندو هو پر رياست جي جبري قوت کي انقلاب ذريعي ختم ڪرڻ ڊانهن وٺي وڃڻ جي ضرورت کي تسليم نه ڪندو هو. سو پرولتاريه بورجوازي جي خلاف طبقاتي جدوجهد کي اعليٰ سطح تي رسائيندي، بورجوازي جي جبر جي هٿيار يعني رياست تي قبضو ڪري، انقلاب برپا ڪري ٿو. ان ريت بورجوا جابر رياست پرولتاري سوشلسٽ رياست ۾ بدلجي وڃي ٿي. سامراجي بورجوا رياستن جي اڇا سوڌو

موجودگي جي ڪري سوشلسٽ رياستون رياستي مشينري سميت پنهنجو وجود هيئنر به رکن ٿيون. پر پرولتاري رياست جي فرض ۾، ان جي رياستي مشينري جي ڪردار ۾ بورجوا جابر رياست جي ڪردار جي ڀيٽ ۾ زمين آسمان جو فرق آهي. سوشلسٽ ملڪن ۾ داخلي طور فوج، پوليس ۽ ٻين رياستي ادارن جو رول عوام کي ڇيپائڻ ۽ دٻائڻ وارو ناهي، باوجود ان جي ته اتي رياست موجود آهي.

## دلال سرمائيدار حاڪم طبقو آهي يا نه؟

پاڪستاني سماج جو طبقاتي تجزيو ڪندي مون صاف صاف اها حقيقت بيان ڪئي هئي ته پاڪستان جي حاڪم طبقن ۾ سرفهرست دلال سرمائيدار آهي جيڪو گهٽي يا ڪي لاڏاڻو سرمائيدار آهي. ۽ اهو پڻ چيو هيم ته ان دلال سرمائيدار بحيثيت مجموعي غير جمهوري آمرانه دورن ۾ ملڪي معيشت تي غلبو حاصل ڪيو آهي. طبقاتي استحصالي سماج ۽ طبقاتي استحصالي رياست کي هڪ ٻئي کان ڌار ڪري نٿو سگهجي ۽ نڪي سماج جي غالب طبقن کي حڪمران غالب طبقن کان. جڏهن ته مقالي جي "نظرئي دانن" جو سڄو زور مڙئي تي مخالفت ڪرڻ جي مصداق، ان تي رهيو آهي ته دلال سرمائيدار جيڪو پاڪستان جي سرمائيدار طبقي جي وڏي حصي تي مشتمل آهي، پاڪستان جو غالب، استحصالي ۽ حڪمران طبقو نه آهي ۽ نه رهيو آهي. ڇوته بقول سندن "رياست جو ڪاروبار فوجي ۽ سول نوڪر شاهي هلائي رهي آهي". ان معنيٰ ۾ ته واقعي دلال ته ڇا پر سرمائيدار طبقي جو ڪوبه حصو حاڪم ليکي ئي نٿو سگهي، جيڪڏهن ان جو معيار ۽ شرط صرف اهو رکيو وڃي ته حڪومت ۾ صدر يا وزير اعظم

ذلال سرمائيدار جي مفادن ۾ وطن دوست جي يارن ظرفان ڏسيل "تضاد" تان شروع ٿيو هو، ان ڪري ان سوال تي وڏيڪ روشني وجهڻ جي ڪوشش ڪندس.

مئي ١٩٨۴ع ۾ بي بي سي جي "ميزان" پروگرام ۾ لنڊن ۾ هڪ برطانوي دواساز ڪمپني ظرفان مذاڪري جي رپورتاڻر نشر ڪئي وئي. ان ۾ دواساز ڪمپني جي سربراه چيو ته "مونکي ويجهڙائي ۾ ٢٢ رڪني وفد پاڪستان وٺي وڃڻ جو موقعو مليو. ۽ مونکي محسوس ٿيو ته حڪومت ڇهه ساله منصوبي ۾ نجي شعبي کي اوليت ڏني آهي. ۽ ٻڻ غير ملڪي سرمائي جي لاءِ راهون کولي ڇڏيون آهن". ان موقعي تي فوجي سرڪار جي صنعتن واري وزير الاهي بخش سومري فرمايو ته: پاڪستان ۾ اڳتي ڪابه نيشنلائيزيشن ڪانه ٿيندي، صدر صاحب (جنرل ضيا) خود پرائيويٽ سيڪٽر اورينٽيڊ آهي. ۽ ٻيو ته گذريل پنجن سالن ۾ ٥٠ بلين روپين سيڙپ جي منظوري ڏني وئي آهي جنهن مان ٥٠ سيڪڙو (Sanctions) منظورين تي عمل درآمد ٿيو آهي يا (Realize) ٿيون آهن. هن اهو به چيو ته قومي ملڪيت ۾ ورتل ڪافي صنعتون واپس مالڪن کي ڏنيون ويون آهن. اهو نجي شعبي لاءِ (Incentive) ترغيب آهي. هن پيٽ ڪندي چيو ته سٺ جي ڏهاڪي جنهن کي "سونهري دور" چيو ويندو هو. ان دور ۾ به (Sanctions) منظورين جو ٤٠ سيڪڙي کان ٥٠ سيڪڙي تائين Realize عمل درآمد ٿيو هيو. الاهي بخش سومرو جنهن دور کي "سونهري دور" چئي ٿو، ان دوران ئي ٢٢ هڪ هٿي خاندان جي تشڪيل ۽ پاڪستاني معيشت تي سندن بالادستي عمل ۾ آئي هئي. جڏهن مون اهو لکيو ته

۽ منظم قوت طور پاڪستان جهڙن ملڪن ۾ محفوظ ۽ مسلسل تازو توانو رکڻ لاءِ وڏي پيماني تي امداد ڏيندو رهي ٿو ته جيئن جمهوري، طبقاتي ۽ قومي حقن جي جدوجهد جي يلغار کي منهن ڏيندڙ پاڙيتو فوج بڻي رهي. علائقائي طور تي هي سامراجي چوڪيدار ۽ ملڪ اندر گهٽو ڪري ”شير شاه جو شڪرو“ هوندي آهي. طبقاتي رياست جي هڪ مکيه اداري طور فوج عوام دشمن ادارو، عوام جي رت ست سان پيدا ڪيل قومي دولت، عوام جي ڪيسن تي ڏاڙا هڻي سندن پيٽ تي لت ڏئي حاصل ٽيل ٽيڪسن تي پلجندڙ چور هوندي آهي. ان ڪري هڪ ڀرپور عوامي جدوجهد سان گوڏا کوڙائي سگهجن ٿا. پاڪستان جي خاص حالتن ۾ فوج جي وڌندڙ بالادستي Hegmony کي جمهوري تحريڪ کي وسيع ۽ ملڪگير بنائڻ سان ئي شڪست فاش ڏئي سگهجي ٿي نه ڪي جمهوري ۽ انقلابي تحريڪ کي پاگا پاگا ڪرڻ سان.

## قومون به سامراج جون دلال ٿينديون آهن؟

مقالي جا ليکڪ فرمائن ٿا ۽ گهڻ ۾ گهڻ مون ڀريون ڀيرو هيءَ ”نئين ڪوجنا“ پڙهي آهي ته:

”....... ويهين صديءَ ۾ ٻي عالمي جنگ ڪانپوءِ سامراجي سرمائيدارانه نظام تباهيءَ جي ڪنڌي تي پهچي چڪو آهي. جتي سامراج پنهنجي وجود کي بچائڻ لاءِ مختلف علائقن اندر پنهنجا خاص دلال ۽ ايجنٽ پيدا ڪري انهن معرفت ڦر لٽ ڪري ٿو. اهي دلال نه رڳو فرد ۽ ملڪ پر انهن ۾ قومون به آهن. مثلن: ايشيا ۾ يهودي قوم جو ڪردار، آمريڪا ۾ ڏکڻ آفريڪي گوري اقليت جو ڪردار، پاڪستان ۾ پنجابي قوم جو ڪردار وغيره....[صفحو ٣٨ و-م-ف جي دوستن جو خط]

آهي ته پاڪستان ۾ صرف پنجابي قوم ئي آهي جنهن جو تنها وجود ڏکڻ ايشيا ۾ سامراج جي بالادستي کي ڪلهو ڏيو بيٺو آهي. صرف پنجابي قوم ئي سامراج جي دلالي ڪري رهي آهي. اها قوم سوشلزم ۽ قومي آزادي جي تحريڪن جي سوپ کي روڪي رهي آهي!"

قومن کي سامراجي دلال سمجهڻ جو نظريو ۽ ان لاءِ وطن دوست جي يارن طرفان "تن دلال قومن" کي بطور مثال پيش ڪرڻ— مارڪسزم جي روح کي مسخ ڪرڻ ته ڇا مارڪسزم دشمن خيال پيش ڪرڻ جي مترادف آهي. هيءَ ڪن "مارڪسٽن" طرفان مارڪسزم جو نانءُ وٺي ان سان مذاق ڪرڻ کان وڌيڪ ڪجهه به ڪونهي.

اسرائيل ۽ ڏکڻ آفريڪا جي سامراج نواز، صيهوني جارحانه ۽ نسل پرستانه ڪردار تي ڪهڙو ويهي بحث ڪجي. اهو سڄي دنيا آڏو چٽو آهي. سڄي دنيا جا مارڪسٽ لينن‌سٽ ۽ها انسان دوست ۽ آزادي پسند اسرائيلي رياست جي جارحانه فلسطينين جي نسل ڪشي انهن خلاف قومي جبر ۽ يهودي عظمت جي هٺ نوڪثي نظريي صيهونيت (Zionism) علائقائي توسيع پسندي ۽ امن دشمن ڪردار . پاليسي جي خلاف آواز اٿارين ٿا ۽ مصروف جدوجهد آهن. اسرائيل جي طاقت جو سرچشمو سامراج آهي، جيڪو صيهونيت جو سڀ کان وڏو پشت پناه آهي. پر خود ان اسرائيل ۾ يهودي ۽ فلسطيني ڪميونسٽ پارٽي آف اسرائيل جي جهنڊي هيٺ اسرائيلي حاڪم طبقي ۽ سامراج خلاف بلڪ هڪ آزاد، خود مختيار فلسطين جي حمايت ۾ سرگرم عمل آهن. ان ڪري اسرائيل جي، صيهونيت جي مذمت ۾ اهو نظريو گهڙڻ ته "يهودي

قوم" سامراج جي دلال آهي ته ان جو مطلب اهو ٿيو ته ان سوچ جو پکيڙيندڙ خود اسرائيل جي اندر ظالم ۽ مظلوم طبقن سامراج نواز حاڪمن ۽ سامراج دشمن عوام وچ ۾ فرق نه ڪري رهيو آهي. [ "دلال قومن" جي مفروضي کي ڪميونسٽ پارٽي اسرائيل جو وجود ۽ جدوجهد رد ٿي ڪري. ] *

ڏکڻ آفريڪا جي ڳالهه ٿي ڀي آهي، يهودي قوم يا ان جي عالمي بالادستي | برتري واري نظريي صيهونيت ۾ هٿ ٺوڪي مذهبي ۽ قومي برتري جا جز شامل آهن. پر ڏکڻ آفريڪا ۾ برآمد ڪيل گورن نوآبادڪارن جي اقليتي سرڪار آهي. اها گوري اقليت قوم هرگز ڪانهي. ڏکڻ آفريڪي اقليتي سرڪار ڪارن سان نسلي امتياز ۽ نسل پرستي واري پاليسي تحت ورتاءُ ڪري رهي آهي. نسلي امتياز Aparyheid ۽ نسل پرستي Racism جي خلاف پڻ صيهونيت Zionism جيان عالمي جدوجهد هلي رهي آهي. ايتريقدر جو اقوام متحده پڻ انهن جي خلاف جدوجهد کي تسليم ڪري چڪو آهي.

باقي پنجابي قوم جو پاڪستان ۾ "سامراجي دلالي" جو ڪردار منهنجي ناقص سمجهه ۾ نٿو اچي. پاڪستان جو، پاڪستان جي حڪمران طبقن جو سامراج ذواز رول آهي. انڪري اهو ته دنيا ڪونه سمجهي ٿي ته پاڪستاني عوام به سامراج جو دلال ٿي ويو. سامراج جي حليف ملڪن ۾ پوءِ ڪي اسرائيل ۽ ڏکڻ آفريڪا جهڙا ملڪ آهن، ڪي اومان، سعودي عرب، سوڊان ۽ صوماليه جهڙا ڪي مصر، پاڪستان، ترڪي ۽ انڊونيشيا پارا- هرهڪ ملڪ

---

* اخبار امن جي هيءَ ڪٽنگ ان جو دليل آهي.

جو سامراج نواز ڪردار مخصوص جاگرافيائي- سياسي بيهڪن جي لحاظ ڪان مختلف آهي. پر انهن سڀني ملڪن ۾ جيڪي سامراجي چوڪين جو ڪم ڏين ٿا، تن اندر اتان جو جمهوري ۽ محنت ڪش عوام سامراج دشمن جدوجهد ڪري رهيو آهي. سامراجي طوق- غلاميءَ جي لاهڻ لاءِ سڄي دنيا، سموري انسان ذات وڙهي رهي آهي ۽ پنهنجي پنهنجي هنڌ تي، بظاهر مختلف پر اصل ۾ هڪ ئي مقصد رکندڙ لڙايون ڪري رهي آهي. انهن جا نعرا مختلف آهن، انهن جي ٻولي مختلف آهي، نسل ۽ مذهب، رنگ ۽ قوم ساڳي ناهي پر انهن جو هڪ ئي نشانو آهي يعني سامراج.

ان ڳالهه جي قطع نظر ته اسرائيل جي وچ اوڀر ۾ توسيع پسندي ۽ اڳرائي آمريڪي سامراج جي اهم مفادن Vital Interests ڪي بچائڻ جو اڳواٽ بندوبست آهي. ۽ اسرائيل جون عالمي دادگير آمريڪا جي شهه تي علائقي اندر ارهه زورايون عالمي امن لاءِ سدائين خطري جو باعث آهن. آمريڪا اسرائيل ۾ ئي نه پر ان جي تضاد ۾ ايندڙ عربن اندر به پنهنجا دلال رکي ٿو. سامراج کي دلالن جي ضرورت هر ملڪ، نسل، زبان، رنگ، مذهب ۽ قوم وارن ۾ آهي. سامراجي دلالي هڪ ڦوروءَ طرفان ٻي ڦوروءَ جي طبقاتي مفادن جي هم آهنگي جي صورت ۾ دلاليءَ جو، غلاميءَ جو نالو آهي. پر ڪنهن به قوم کي بحيثيت مجموعي، سامراجي دلال ڪوٺڻ نفرت ڀري شاونزم جو اظهار آهي. قوم جو ڪو خاص طبقو ته سامراج جو دلال ٿي سگهي ٿو پر قوم نه. بلڪل ائين جيئن سامراج جو وجود ڪنهن ملڪ يا قوم اندر ته ٿي سگهي ٿو. جيئن مثال طور آمريڪي سامراج جي معني آمريڪي عالمي

ڪاميابي سان جدوجهد ڪري سگهن ٿيون.

جيتوڻيڪ قومي آزادي جي تحريڪ پنهنجي ماهيت جي لحاظ کان سوشلسٽ نتي ٿئي، پر اها اهڙن اهم سماجي مسئلن کي حل ڪرڻ جي اهل ٿئي ٿي ۽ انهن کي حل ڪري ٿي جيئن جاگيرداري ڍانچي ۽ ان جي باقيات جو خاتمو ڪرڻ، بيٺڪي نظام ۽ سامراجي حڪمراني جي رهيل سهيل اثرن کي ختم ڪرڻ، غير ملڪي هٿ هٺين کي محدود ڪرڻ ۽ انهن کي ڏيهه نيڪالي ڏيڻ، قومي صنعت کي فروغ ڏيڻ، بنيادي زرعي سڌارا ڪرڻ، سياسي آزادي کي سگهارو بنائڻ، پرڏيهي معاملن ۾ هڪ آزاد، امن پسند پاليسي تي عمل پيرا ٿيڻ ۽ وسيع جمهوري راهن تي سماجي زندگي جي نئين سر اڏاوت ڪرڻ.

انهن عمومي، جمهوري، قومي مسئلن جي حل جي سامراجي قوتن طرفان خوفناڪ مزاحمت ڪئي ويندي آهي. اهي قوتون اڳوڻين بيٺڪن ۽ نيم- بيٺڪن کي سرمائيدارانه معاشي نظام ۾ شامل رکڻ، کين پنهنجي رجعت پرست، جارحانه پاليسي جي دائري ۾ گهلڻ جي ڪوشش ڪنديون آهن. انڪري سامراج ۽ خاص طرح آمريڪي سامراج جي خلاف، جيڪو بيٺڪي نظام جو اصل پشت پناهه آهي، مستقل مزاج جدوجهد- قومي آزادي جي انقلاب جي ڪاميابيءَ جي لاءِ بنيادي شرط آهي."

"مارڪسي فلسفه" اردو صفحه ٧٤- ٢٧٣
باب ١٦- و- افاناسي ٽيف.

مالڪ ٿئي ٿو، رياستي اقتدار تي پنهنجو قبضو رکي ٿو ۽ نشر اشاعت جي ذريعن تي ڪنٽرول رکي ٿو. اهوئي ڪارڻ آهي جو هڪ بورجوا قوم جي ظاهري حالت تمام گهڻي حد تائين سرمائيدارانه معيشت، سياست ۽ آئڊيالاجي، وسيلي مقرر ٿئي ٿي. معاشي ۽ فوجي لحاظ کان مضبوط قومن جي هٿان هيٺن قومن تي تشدد ۽ غلبو بورجوا قومن جي اوسر جو هڪ قانون آهي. انڪري هيءَ ڳالهه سمجهڻ جهڙي آهي ته سرمائيداري هيٺ قومن جي اوسر آزاديءَ جي لاءِ مظلومن جي شديد جدوجهد سان اٽر طور تي لاڳاپيل آهي. قومي مسئلو يعني هي مسئلو ته مظلوم قومون ڪهڙيءَ ريت آزادي حاصل ڪري سگهن ٿيون، ۽ قومن ۽ قومتن جي وچ ۾ برابري وارا تعلقات قائم ڪري سگهن ٿيون. سرمائيداري هيٺ خاص طرح شدت اختيار ڪري وڃي ٿو ۽ هيءُ سماجي اوسر جي بنيادي مسئلن منجهان هڪ آهي.

مارڪسزم- لينزم قومي مسئلي جي اهميت تي زور ڏئي ٿو ۽ اها گهر ڪري ٿو ته ان مسئلي کي ٺوس تاريخي حالتن موجب نبيريو وڃي. هن مسئلي کي مناسب طرح نبيرڻ لاءِ ضروري آهي ته مختلف دورن ۾ سماج جي اوسر کي، هر ملڪ جي اوسر جي نرالين خصوصيتن کي، دنيا ۾ ۽ ان ملڪ اندر طبقاتي طاقتن جي توازن کي، مختلف قومن جي محنت ڪش عوام جي سرگرمي کي، انهن جي سماجي شعور، تنظيم وغيره جي سطح کي نظر ۾ رکيو وڃي.

سرمائيداري جي اوسر جي مختلف مرحلن ۾ قومي

ويون. هيءَ ملڪ اندر هڪ مسئلي بدران بين الاقوامي مسئلو بنجي ويو ۽ سڄي دنيا جي ڪروڙها عوامي تقدير کي متاثر ڪرڻ لڳو.

سامراج هيٺ قومي مسئلو هڪ ملڪ جي حدن اندر قومي اقليتن جو مسئلو نٿو رهي پر هڪ قومي بيٺڪي مسئلو بنجي وڃي ٿو. هيءَ سڀ ڪان اول ته بيٺڪي ڏاڍ جي خلاف قومن ۽ قوميتن جي جدوجهد جو مسئلو آهي، سندن آزادي ۽ ترقيءَ جو مسئلو آهي.

جيتوڻيڪ مارڪس، اينگلز ۽ لينن قومي مسئلي کي اهم قرار ڏنو پر انهن ان کي انقلابي تحريڪ جو بنيادي سوال نه ڄاتو. هنن ان مسئلي کي هميشه مارڪسزم جي بنيادي مسئلي يعني پرولتاريه جي آمريت، جي تابع رکيو، هنن انهيءَ کي هميشه بين الاقوامي مزدور تحريڪ ۽ امن، سوشلزم ۽ سماجي ترقي جي جدوجهد جي پس منظر ۾ رکيو. هو ان اصول تي قائم هئا ته قومي مسئلو مجموعي حيثيت ۾ سرمائيدارانه سماج جي حدن ۾ بنيادي طرح حل نه ٿي سگهندڙ آهي. هيءُ مسئلو صرف تڏهن حل ٿي سگهي ٿو جڏهن پرولتاريه اقتدار ۾ هجي يعني سوشلسٽ سماج ۾ حل ٿي سگهي ٿو.

لينن سرمائيداري هيٺ قومي ناتن جي نشونما ۾ ٻن متضاد لاڙن کي ګولي لڌو. هڪ پاسي ته قومي شعور بيدار ٿئي ٿو ۽ قومي تحريڪون اڀرن ٿيون، هرقسم جي قومي ڏاڍ خلاف جدوجهد ظاهر ٿئي ٿي ۽ قومي رياستون وجود وٺن ٿيون. ٻئي پاسي مختلف قومن جي وچ ۾ ناتا وڌن ويجهن ٿا، قومي ديوارون ڪرن ٿيون ۽ هڪ واحد

اندر ڀرپور جذبي کي قومي ٽڪرن ۾ ورهائڻ جو گهاٽ پئي گهڙيو آهي.

مختلف قومن جي وچ ۾ هٽ وٺي نفرت پيدا ڪرڻ سامراجين جو من پسند مشغلو آهي. ان سان آمريت مضبوط ٿئي ٿي، جمهوري هلچل ڪمزور ٿئي ٿي ۽ سامراج جا مفاد محفوظ ٿا رهن. چوته هو پس منظر ۾ هليو ٿو وڃي ۽ اصل نشانو وري به هيءَ يا هوءَ قوم ٿي بڻجي. مظلوم قوم جي حقن جي سامراج دشمن جدوجهد ۽ سامراج نواز عليحدگي پرست تحريڪ ۾ ڏار ڏار شيون آهن. مسٽر ڀٽي جي ڦاسي جي تشريح ٿي بي بي سي کان ويندي اهي سڀ ماڻهو متفق آهن جن جي دلي تمنا اها هئي ته جناب ڀٽو ڀلي ڦاهي چڙهي ته جيئن سندن لفظن ۾ تڏهن "آزادي جي راهه آسان ۽ منزل ويجهي ٿيندي." اهي مصلحت پرست ۽ موقعي پرست گروه جن جنهن وقت مسٽر ڀٽي کي ڦاهي چاڙهيو پئي ويو ته اهي نه رڳو ڪو احتجاج ڪرڻ لاءِ تيار نه هئا پر ڪنهن به احتجاج جا سخت مخالف هئا. اهي جن "ڀٽي ۽ سندس پارٽي جي مخالفت ڇو"؟ جهڙا ڪتاب ڇاپي پهرين پي اين اي ۽ بعد ۾ مارشل لا حڪومت کي خوش ڪيو هو، ۽ جن قومي اتحاد جي رجعتي تحريڪ دوران اها ڌمڪي ڏني هئي ته "ڀٽي کي سنڌ يونيورسٽي ۾ داخل ٿيڻ نه ڏنو ويندو." اخبار "صداقت" ان جي شاهد آهي. ۽ جن شهيد نذير عباسي جي شهادت خلاف سنڌ يونيورسٽي ۾ شاگردن جي احتجاج جي اڳواٽي ڪندڙ شاگردن تي اين-سي-سي جا بهاڻ وسائي ڪين رت ۾ ڪاڙهو ڪيو هو پر احتجاج ڪندڙن کي گرفتار ڪرڻ ۾ پوليس جي مدد ۽ رهنمائي پڻ ڪئي هئي.

پنجاب جي عوام طرفان سڄي ملڪ جي جمهوريت پسند

رهندو. ملڪ سامراج جي ذيلي رياست بڻجندو ويندو. قومن ذاتين امتياز ۽ جبر جي حملت جاري رهندي. جمهوريت جي راهه ۾ ديوارون کڙيون رهنديون ته پوءِ ڏينهون ڏينهن ملڪي اتحاد اڃان ئي ڪمزور ٿيندو ويندو. ان جون پاڙون کوکايون ٿينديون وينديون. ۽ کوکلي ڪاٺ جي ٿنڀن تي عمارت بيهي نٿي سگهي. ملڪ جون عمارتون تڏهن ئي ڏنادار ٿي، بيهي سگهن ٿيون، جڏهن انهن جا بنياد مظلوم عوام ۽ قومون هجن. عوام ۽ قومن جي رضاڪارانه اتحاد کان سواءِ، اتحاد، استحڪام ۽ سالميت کي حڪمران ڪيترو نه ورجائين اهو هڏي ماڻهن جا ڪن پچي پيا منفيد ڪان وٺي ضيا حڪومت جنهن طرح سان عوام تي حمله آور آهي. مظلوم قومن کي ڪچلي رهي آهي ۽ انهي ڪري، موجوده حڪومت هٿان ملڪ جو ٻيڙو ٻوڙي رهي آهي.

ڀڃل نقطه نظر جي عڪاسي ڪامريڊ لينن جي هنن چوڻ
رن مان واضح ٿئي ٿي:

"جيڪو ماڻهو قومن ۽ زبانن جي برابري کي نٿو مڃي
اهو جهيڙو نٿو ڪٿي، جيڪو ماڻهو سموري قومي ظلم
تشدد يا اڻبرابري جي خلاف نٿو وڙهي، اهو مارڪسوادي
هي، اهو ته جمهوريت پسند به ڪونهي [وطن دوست جي
ستن ص ٢٩ تي ڪامريڊلينن وهي اڌ اقتباس ڏنلو آهي.
ايل اڌ مان ڏٺي ان کي مڪمل ڪندس پر ڪڏوڪڏ ان
شڪ نٿو ٿي سگهي ته اهو هٽ ڌوڪهو مارڪسوادي
ڪنهن بي قوم جي مارڪسوادي کي "جذب
ندڙ" چئي ڪري، ان جي خلاف زهر اڳلائي ٿو، اهو
م پرست تنگ نظر ڪانسواءِ ٻيو ڪجهه به ڪونهي. هن
ار لڏي ۾ سيڻي بند ست ۽ (جيئن اسان گهڙي ٻل
اسين ته) بوڪرينس سگورا يورڪيوچ، دستنوف اينڊ
بني جهڙا قوم پرست سوشل شامل آهن...." (ص-٢٤:
مي سوال جو تنقيدي جائزو- حق خودارادية مڪتبه
ايال)

ٻيا

"هر قوم جي لاءِ علحدگي جي سوال ۾ جواب "ها"
"نه" ۾ ڏيڻ جو مطالبو ڪرڻ ڏاڍو "عملي" ٿو لڳي.
ت ۾ اهو وڏو نڪاهه اهي، اها نظرياتي طرح مابعد
ماتي ڪاله، آهي. عملي طرح انجي معنيٰ هي ٿي هوندي
ته پرولتاريا کي بورجوازي جي پاليسي جو تابع بڻايو
- بورجوازي سڌ ٿين پهنجن قومي مطالبن کي سڀ کان

ڪو، ڪي ڏسامل، پنجابي ۽ ڪمترون ڏسي ٿيون
سمتون آهن.

۽ ٻي ڳالهه ته هندستان ۾ آل انڊيا مارڪيٽ بڻجادن
رو سرمائيدار ٻه آهي ۽ ساڳي وقت اهڙو سرمائيدار ٻـ،
ي جنهنڪو رياستي- قومي مارڪيٽ ٺهائي ٿي آهي.

باوجود ان حقيقت جي ته هندستان هڪ سرمائيدار
ڪ آهي ۽ ان جا ڪمترن ملڪن سان واپاري ۽ اقتصادي
نا ٻڌل آهن، اهو اهڙو ملڪ ناهي جنهنڪو ”رياست ڪنان
۾ موجود ڏاڍن رياستن تي قبضي ڪرڻ جي ڪوشش
ري“- هندوستان جارح، لهڙ ۽ توسيع پسند ملڪ ناهي
ن دوست جي دوستن جي دليل موجب اهو هڪ
ومي) ملڪ آهي جنهنڪو ٻين قومي رياستن تي قبضو
ڪري.

هندوستان کي توسيع پسند سمجهڻ واري سوچ ماڻوار
پيروڪارن ۽ پلمجي صاحب جي واتان نڪري ته،
جنهن ۾ اچي ٿي ته وطن دوست جي يارن جي طرفان ان
تبليغ سمجهه ۾ نٿي اچي.

اڄ هندوستان غيرجانبدار تحريڪ جي چيئرمين ۽ امن
مپ جي مکيه ميمبر هجڻ سان گڏ ان جو سوشلسٽ
ويٽ يونين سان سامراجي توسيع پسندي، جارحيت ۽
دشمني جي خلاف متحده محاذ پڻ آهي. ٻاقي
من ڪو ماڻوسٽ نظرن سان ڏسندو ته ان کي واقعي
وستان توسيع پسند ٿي محسوس ٿيندو.

هندوستان کي هڪ قومي ملڪ قرار ڏيڻ جو نظريو

روسي سوشل ڊيموڪريٽڪ ليبر پارٽي پنهنجي پروگرام ۾ ١٩٠٣ع ۾ ڪيو هو. پولش عوام جي چونڊڪاري، خودارادیت ۽ آزادي جي حق جي مستقل طور حمايت ڪندي بالشويڪن زور ڀريندي چيو ته پرڏيهي جبر کان پولينڊ جي آزادي صرف روس ۾ انقلاب جي نتيجي ۾ عمل ۾ اچي سگهي ٿي. لينن هڪ واضح فارمولا ۾ ان جو اظهار ڪيو جڏهن روسي انقلابي ۽ پولش قومي آزادي ۽ پرولتاري تحريڪن جي تجزئي سان اخذ ڪيو هو. هن لکيو ته: "پولينڊ جي آزادي روس جي آزادي کانسواءِ ناممڪن آهي" (اينز. ڪاوڪٽيڊ ورڪس. شمارو ١٥، ص. ٥٦٥)- انٽرنيشنل افيئرس ماسڪو شمارو ٩، ١٩٨٣ جي شڪريي سان.

........ ۽ پوءِ نيٺ ٿيو ائين ته سيپٽمبر ١٩٣٩ع ۾ نازين جي قبضي هيٺ آيل پولينڊ کي حب الوطني جي عظيم جنگ ۾ سوويت يونين جي سوپ تباهي جي خطري کان بچائي ورتو. عظيم آڪٽوبر انقلاب جي ملڪ هڪ ڀيرو وري پولينڊ جي نجات ۽ آزادي جو جهنڊو جهولايو.

پولينڊ جي باري ۾ تفصيل سان ڄاڻڻ ۽ لکڻ جي ضرورت آهي. مون مختصر طور هتي اها ڪوشش ڪئي آهي ته پڙهندڙ اندازو لڳائي سگهي ته پولينڊ جي روس اندر ڪهڙي حيثيت هئي. اهو ڪڏهن به روسي رياست جو ان ريت حصو ڪونه هو ۽ خود پولش ڊيموڪريٽڪ

جي قيام لاءِ لينن جي اصولن ۽ عملي جدوجهد کي رد ڪري ٿو ڇڏي؟ ڇا لينن ڪل روس بالشويڪ پارٽي قائم ڪري غلطي ڪئي هئي، جن کي ٻهارُوس، يوڪرين، جارجيا، وغيره جون، ڌار ڌار قومن جون ڌار ڌار پارٽيون قائم ڪرڻ کپن ها، 'سامراجي رياست روس کي ٽوڙڻ لاءِ'، نه ڪي روس ۾ سوشلسٽ انقلاب نه وڙهڻ کپي ها؟ ڇو ته وطن دوست م.ف جي دوستن سندن جوابي خط ۾ اها تميز ڏني آهي ته: 'پاڪستان ۾ انقلاب لاءِ ضروري آهي ته هن سامراجي چوڪيءَ.... کي ٽوڙجي.'

صاف ظاهر آهي ته پولينڊ جنهن کي زارشاهي روس قبضو ڪيو هو، جيڪو روس جو حصو ٿي نه هو، هڪ ڌار رياست/ ملڪ هو، ان ۾ پولش سوشل ڊيموڪريٽڪ پارٽي قائم ڪرڻ تي لينن ڇو ۽ ڪيئن اعتراض ڪري پئي سگهيو. انڪري اهو دليل آهي ٿي بي ڊنگو ته لينن پولش پارٽي جي وجود جي بجاءِ ان جي پاليسين جي مخالفت ڪئي هئي.

ٻر ٽڏهن ۽ روبي محڪومي ۾ جڪڙيل پولينڊ جي پارٽي پولش پورهيت عوام جي جدوجهد کي زارشاهي خلاف روسي پورهيت عوام جي جدوجهد جو ساٿاري بنايو. عظيم اڪتوبر انقلاب ۽ بعد ۾ فاشزم تي سوويت يونين جي سوڀ پولينڊ جي دائمي آزادي ۽ پولش عوام جي استحصال کان مڪمل آزادي ۾

نٿو ڪري سگهي ته پارٽي رياست جي بنياد تي سڄي يا انقلاب لاءِ جدوجهد جو دائرو رياست سڄي. جدوجهد جي ڪاميابي يعني انقلاب جي نتيجي ۾ ڪا رياست يعني ملڪ ساڳي حالت ۾ رهندو يا نه رهندو، اهو اڳوات چئي نٿو سگهجي. ان جو دارومدار جدوجهد جي وسعت، پرپوريت، دشمن جي طاقت ۽ عوام جي متحد قوت، داخلي ۽ خارجي، علائقائي ۽ عالمي صورتحال/ طاقتن جي توازن تي آهي.

ڪامريڊ لينن جو دوستن حوالو ڏنو آهي ۽ اڄڪلهه، واقعي اهڙو دور آهي جو لينن ڪسوٽي بڻجي چڪو آهي- لينن جو ڪجهه چيو ۽ ڪيو ان جو نوس مثال سوويت پارٽي، سوويت انقلاب ۽ سڄي دنيا جو اڄ بدليل نقشو آهي.

باوجود ان جي ته زارشاهي هيٺ روس ۾ مظلوم ۽ محڪوم قومن تي قومي جبر چوٽ چڙهيل هو ۽ مظلوم، محڪوم قومن ۾ علحدگي ۽ آزادي جون حالتون پاڪستان جي ڀيٽ ۾ ڪئين ڀيرا وڌيڪ موجود هيون، لينن هڪ طرف قومي مسئلي جي اهميت کي نه وساريو ۽ ٻئي طرف بين الاقواميت پرستي تي ٻڌل سڀني قومن جي پورهيت عوام جي ٻڌيءَ ڏي پڻ شاون کان وڌيڪ مٿاهون سمجهيو. ان جو اظهار هو هن ريت ٿو ڪري:

”.... روس ۾ هن وقت ڏائين هڪ خود مختيار ۽

آزاد قومي رياست قائم ڪرڻ جو خصوصي حق رکو
روسي قوم کي حاصل رهيو آهي. اسان مهاروسي پرولتار
ڪنهن به قسم جي خصوصي حق جي حمايت نٿا ڪريون
اسان پنهنجي لڙائي ۾ هڪ خاص رياست کي پنهنجو
بنياد بنايون ٿا. اسان ان خاص رياست ۾ سڀني قومن
جي مزدورن کي متحد ڪيون ٿا. اسين قومي نشو ونما
جي ڪنهن به هڪ رستي جا وڪيل نٿا بڻجي سگهون.
اسان پنهنجي طبقاتي منزل مقصود تي پهچڻ جي لاءِ
سڀني ممڪن رستن تي گامزن آهيون.

پر اسين ان منزل مقصود تائين تيستائين نٿا پهچي
سگهون جيستائين هر قسم جي قوم پرستي سان جنگ
نه ڪريون، جيستائين اسان مختلف قومن جي برابري-
جو جهنڊو نه جهولايون. مثال طور ڇا يوڪرين هڪ
آزاد رياست بڻجي رهندو يا نه، اهو هڪ اهڙو معاملو آهي.
جنهن جو تعين اهي هزارين عنصر ڪندا جن کي اسان
اڳواٽ نه ڏسي سگهون ٿا نه ڄاڻي سگهون ٿا. اسان
اجاين 'قياس آرائين' ۾ وقت نٿا وڃايون. اسان رکو
رکو ان شيءِ جي علمبرداري ثابت ڪريون ٿا. جنهن جي
باري ۾ ڪو شڪ نٿو ٿي سگهي، اها شيءِ هيءَ آهي
ته يوڪرين کي اهڙي قسم جي رياست قائم ڪرڻ
جو حق آهي."....

"....مهاروسي ۽ يوڪريني مزدورن کي ڪٺي ته،
جيستائين اهي هڪڙي رياست ۾ رهن. گهري تنظيمي

اتحاد سان ۽ ملي جلي ڊنگ سان پرولتاري تحريڪ
جي عام يا بين الاقوامي ڪلچر جو جهنڊو اوچو رکن.
۽ جنهن ٻوليءَ ۾ پرچار ٿئي ان زبان جي سوال تي
۽ پروپيگينڊا ۾ جهڙي اڄ قومي تفصيل درج ڪجن.
ڏنهن سلسلي ۾ مڪمل رواداري کان ڪم وٺڻ هيءَ
آهي مارڪسزم جو قطعي مطالبو هڪ قوم کان ٻي
قوم جي مزدورن کي ڌار ڪرڻ جي سموري وڪالت،
مارڪسي، انضمام، تي سمورا حملا پرولتاريا جي سلسلي
جي سڀني ڳالهين ۾ هڪ قومي ڪلچر جي مجموعي طرح
ٻي قومي ڪلچر سان پيٽ ڪرڻ وغيره وغيره صرف
بورجوا قوم پرستي آهي جنهن جي خلاف انتهائي
بي دردي سان جدوجهد ضروري آهي...."

"... مزدورن جي جمهوريت جو قومي پروگرام
آهي. ڪنهن به قوم جي لاءِ، ڪنهن هڪ ٻولي جي
لاءِ ڪي خاص حق نه هجن. قومن جي سياسي حق
خوداختياري جي سوال جو فيصلو يعني بلڪل
آزاد ۽ جمهوري طريقي سان سندن رياست جي
علحدگي جو حق. هڪ اهڙو قانون منظور ڪيو وڃي
جهڙو سڀني ملڪ تي لاڳو ٿئي جنهن موجب (ٻهراڙين
شهرن، برادرين وغيره جي ڪائونسلن جي منظور ڪيل)
هر ان قدم کي ناجائز ۽ منسوخ قرار ڏنو وڃي
جهڙو ڪنهن هڪ قوم کي امتيازي رعايتون ڏئي
ٿو. جهڙو قومن جي برابري کي يا

قومي اقليتن جي حقن کي مجروح ڪري ٿو. هڪ اهڙو قانون منظور ڪيو وڃي جنهن جي آڌار تي هر شهري کي حق هوندو هو ته هو اهڙي قدم جي منسوخي جو مطالبو ڪري ته اهو غير آئيني آهي ۽ انهن ماڻهن جي خلاف فوجداري عدالت ۾ ڪيس هلائڻ جي گهر ڪري جيڪي ان تي عمل ڪن ٿا.

زبان وغيره جي سوال تي مختلف قومي بورجوا پارٽين ۾ جهيڙا پيا لڳي پئي آهي. پر ان جي ابتڙ مزدورن جي جمهوريت اها گهرڪري ٿي ته سڀني مزدورن جي تنظيمن، مزدور سڀائن، ڪو آپريٽو انجمنن، ڪرامڪن جي تنظيمن، تعليمي ۽ باقي ٻين سڀني انجمنن ۾ سڀني قومين جا مزدور بلڪل هڪ ٿي وڃن. صفا گهر ڪندي ٿي وڃن ۽ ان طرح هر قسم جي بورجوا قوم پرستي جا مخالف ٿي بيهن. صرف اهڙي قسم جي ايڪتا ۽ يڪجهتي جمهوريت جي حفاظت ڪري سگهي ٿي، هڪ نئين زندگي ڏانهن وڌندڙ انسان ذات جي مفاد جي حفاظت ڪري سگهي ٿي. ان نئين زندگي ڏانهن .... جتي امتيازي حقن ۽ ڏرلٽ جو نالو نشان نه هوندو... ص ١١-١٢-١٣

.... جيڪو به پرولتاري طبقي جي مذمت ڪرڻ گهري ٿو. ان کي کپي ته سڀني قومن جي مزدورن کي هڪ (متحد) ڪري ۽ بورجوا قوم پرستي سان، ”ڏيهي“ ۽ ”پرڏيهي“ قوم پرستيءَ سان چمي جنگ ڪري. جيڪو

يورڪيوچ سان لينن جي بحث ۾ اظهار وجهندا هـن.
'قومي مسئلي جو تنقيدي جائزو' ۽ 'قومن جي حق
خوداراديت' ۾ لينن لکي ٿو.

"... امريڪي گڏيل رياستن (USA) ۾ مهاجرن
جي انگن اکرن سان اندازو لڳائي سگهجي ٿو ته،
ترقي يافته سرمائيداري جي موجوده حالتن ۾ قومن کي
جذب ڪرڻ جو عام سلسلو ڪهڙي پيماني تي جاري
آهي. ڏهن سالن جي وچ ۾ يعني ١٨٩١ کان ١٩٠٠
تائين جي عرصي ۾ يورپ کان ٣٧ لک ماڻهو اوڏانهن
ويا. ۽ ١٩٠١ کان ١٩٠٩ تائين نون سالن جي عرصي
۾ ٧٢ لک ١٩٠٠ جي آدمشماري موجب آمريڪا ۾
هڪ ڪروڙ کان وڌيڪ غير ملڪي هيا. نيو يارڪ
رياست ۾ ان آدمشماري موجب ٧٨.... کان وڌيڪ
آسٽريائي هئا. هڪ لک ٣٦ هزار انگريز، ٢٠ هزار فرينچ
۴ لک ٨٠ هزار جرمن ٣٧ هزار هنگرين، ۴ لک ٢٥ هزار آئرش،
هڪ ٨٢ هزار اطالوي، ٧٠ هزار پولستاني، روس کان آيل
(وڏي ۾ وڏي يهودي) هڪ لک ٦٦ هزار ماڻهو، ٤٣ هزار
سويڊ وغيره وغيره. هيءَ نيويارڪ رياست اهڙي چڪي
آهي جنهن جي ٻنهي پڙن ۾ قومي امتياز [فرق] پيسجي
وڃن ٿا. ۽ نيويارڪ ۾ جيڪي ڪجهه، وڏي پيماني
تي، بين الاقوامي پيماني تي رهيو آهي، هو وڏي شهر ۾
ڪارخاني جي وسعت ۾ ٿي رهيو آهي.

هو اهو ماڻهو جنهن جي اکين تي قوم پرستانه

تعصب، جي پٺي پنل ناهي، يقيناً ڏسي وٺندو ته سرمائيداريءَ جو قومن کي پنهنجي اندر جذب ڪرڻ جو هيءُ عمل هڪ بي پناه تاريخي ترقي آهي، هن عمل سان تمام گهڻو ڏورانهن علائقن جي قومي تنگ نظريءَ جون ديوارون ڊهي رهيون آهن، خاص ڪري روس جهڙي پوئتي پيل ملڪ ۾.

روس کي کڻي وٺو ۽ يوڪرينن ڏانهن مهاروسين جو جيڪو رويو آهي تورڙو ان تي غور ڪيو. بيشڪ مارڪسوادي ته ڇا هر جمهوريت پسند يوڪرينن جي ناقابل بيان ذلت. ۽ توهين جي خلاف مڙسان مڙسي وڙهندو ۽ انهن سان مڪمل برابريءَ واري سلوڪ جو مطالبو ڪندو. پر هن وقت هڪ ٻي رياست جي سرحدن اندر يوڪريني ۽ مهاروسي پرولتاري طبقن ۾ جيڪو لڳاءُ ۽ ايڪتا آهي تنهن کي ڪمزور ڪرڻ سوشلزم سان غداري ۽ يوڪرينن جي بورجوا "قومي فرض" جي نقطه نظر کان پڻ هڪ احمقانه پاليسي هوندي.

مسٽر ليف يورڪيوچ جيڪو پاڻ کي "مارڪسوادي" (ويچارو! مارڪس!) پيو ڪوٺي ٿو، هن احمقانه پاليسي جو مثال پيش ڪري ٿو. مسٽر يورڪيوچ لکي ٿو ته: ١٩٠٦ع ۾ سوڪولوفسڪي (باسوڪ) ۽ لوڪاشيوچ (توچاپسڪي) دعوا ڪئي هئي ته يوڪريني پرولتاري طبقي کي صفا روسي سانچي ۾ ڍاليو ويو آهي. ان ڪري کين الڳ تنظيم جي ضرورت ناهي. سوال جي اصليت

جي باري ۾ هڪ ٻه حقيقت بيان ڪرڻ کان سواءِ
مسٽر يورڪيوچ چرين وانگر راڙو راڙ ڪندي هن ٻنهي
تي آلر ڪئي. ڪريل، انتهائي احمقاڻا ۽ رجعت پرستاڻا
قوم پرستي جي زهر ۾ ٻڏي ٻڪي لکيو ته اها "قومي
بي- حسي" آهي، "قوميت کي ترڪ ڪرڻ آهي" ۽
هن مسئلن "يوڪريني مارڪسوادين ۾ ڦوٽ (!!)
وجهي ڇڏي آهي." وغيره وغيره. مسٽر يورڪيوچ
اسان کي ٻڌائين ڏياري ٿو ته "مزدورن ۾ قومي يوڪريني
بيداري جي اڀار" جي باوجود مزدورن جي اقليت "قومي
شعور رکي ٿي." ها اڪثريت البت "هيٺئين ٻه روسي
ڪلچر جي اثر ۾ آهي." هي قوم پرست ڪم نظر
اهو چئي ٿو ڏڪي ته اسان جو فرض آهي ته "عام ماڻهن
جي پٺيان نه هلون پر انهن جي اڳواڻي ڪريون ۽ ڪين
قومي فرض (ادتسيونالنيوا سپرادو) ٻڌايون." ("دزوين"
رسالو صفحو ٨٩).

مسٽر يورڪيوچ جو هي سڄو دليل منڍ کان ئي
بورجوا قوم پرستي جو دليل آهي. پر بورجوا قوم پرستن
جي نقطه نظر کان ٻن، جن منجهان ڪي ماڻهو يوڪرين
جي لاءِ مڪمل برابري ۽ خود مختياري گهرن ٿا ۽
ڪي هڪ آزاد يوڪريني رياست چاهين ٿا، هائو!
انهن جي نقطه نظر کان ٻن اهو دليل تنقيد جي
ڪسوٽي تي پورو نه ٿو ٺهڪندو. يوڪرينين جي جذبه
آزادي جي خلاف آهي مهاروسي ۽ پولش زميندار طبقو

۽ انهن تي ٻنهي قومن جو بورجوا طبقو. اها ڪهڙي
سماجي قوت آهي جيڪا انهن طبقن جي خلاف وڙهي
سگهي ٿي؟ ويهين صدي جي ٻئي ڏهاڪي عملي طرح
ان سوال جو جواب ڏئي ڇڏيو آهي. اها قوت صرف
مزدور طبقي ۾ آهي جيڪو جمهوريت پسند هاري
طبقي جي اڳواڻي ڪري ٿو. جمهوري قوت ۾ ڦوٽ
وجهي ڪري ۽ اهڙي طرح ان کي ڪمزور ڪري.
مسٽر بورڪيوچ عام طرح رکو جمهوريت جي مفاد
سان ئي غداري نٿو ڪري پر خود پنهنجي ملڪ
يوڪرين جي مفاد سان پڻ غداري ڪري ٿو. ڇو ته
جيڪڏهن هن جمهوري قوت (مزدور طبقي) سوپ ٻاڻي
ته قومي ظلم ۽ تشدد نه ٿي سگهندو. مهاروسي ۽
يوڪريني پرولتارين جو اتحاد هجي ته آزاد يوڪرين
ممڪن ٿي سگهي ٿو، اهڙي اتحاد کان سواءِ آزاد
يوڪرين جو خواب به ڏسي نٿو سگهجي.

پر مارڪسوادي پاڻ کي بورجوا قوم پرستانه
نقطه نظر تائين محدود نٿا ڪن. ڪيترن ئي سالن کان
هيءَ ڳالهه بلڪل صاف آهي ته ڏکڻ ۾ يعني يوڪرين
۾ وڌيڪ تيزيءَ سان اقتصادي ترقيءَ جو عمل جاري
آهي جتي مهاروس کان هزارين لکين هاري ۽ مزدور
ايندا پيا وڃن ۽ سرمائيدارن جي فارمن، کاڻين ۽ شهرن
۾ آباد ٿي رهيا آهن. ان حد تائين مهاروسي ۽ يوڪريني
پرولتاري طبقي جو هڪ ٿي ۾ جذب ٿيڻ جو عمل،

بيشڪ هڪ حقيقت آهي ۽ هيءَ حقيقت قطعي طرح ترقي پسند حقيقت آهي. سرمائيداري مها روسي يا يوڪريني ڪوڪلن، تنگ نظر ڪٽڙي هڪ جهول ۽ ڪٺل ڳوٺن جي بدران چرندڙ پرندڙ پرولتاري رکندي آهي، جن جي زندگي جون حالتون خاص ڪري قومي تنگ نظري کي، مهاروسي ۽ يوڪريني تنگ نظري جي ديوارن کي ڍاهن ٿيون. اچو ته اسان فرض ڪري ٿا وٺون ته ڪو وقت ايندو جڏهن روس ۽ يوڪرين جي وچ ۾ الڳ الڳ رياست جون سرحدون ڪڙيون ٿي وينديون. اهڙي صورت ۾ به مهاروسي ۽ يوڪريني مزدورن جي ”ڪمر ڪنڌ ٿيڻ“ جي عمل جي تاريخي ترقي پسندي پوءِ به رهندي. بلڪل اهڙي ريت جيئن آمريڪا ۾ چڪيءَ جي پٿي پڙن ۾ قومن جو پيسجڻ هڪ ترقي پسند عمل آهي. يوڪرين ۽ مهاروس جيترو وڌيڪ آزاد هوندا اوترو ئي وڌيڪ تيزي ۽ وسعت سان سرمائيداري جي ترقي ٿيندي ۽ تڏهن اها (سرمائيداري) اجا به وڌيڪ شدت سان رياست جي سڀني علائقن کان ۽ سڀني پاڙيسري رياستن کان (جيڪڏهن روس يوڪرين جي پاڙيسري رياست بنجي ويو) سڀني قومن جي مزدورن کي پاڻ ڏانهن ڇڪيندي، مزدورن جا، جٿن جا جٿا ڇڪجي شهرن، کاڻين ۽ ڪارخانن ۾ ايندا.

مسٽر ليف يورڪيوچ جو رويو بلڪل سچي بورجوا (سرمائيدار) جهڙو آهي ۽ بورجوا به ڪهڙو ـــ تنگ نظر،

تنگ دل، ڪوڪلو بورجوا يعني متعصب ڪم نظر جهڙو- جيڪو يوڪريني قومي حڪومت جي گهڙي پل جي ڪاميابي واسطي پنهنجي قوم جي پرولتاري طبقي جي مهل جول، ميلاپ ۽ ملي هڪ ٿي وڃڻ جي مفاد کي پاسيرو رکي ٿو ڇڏي، بورجوا قوم پرست چون ٿا: اگر هڪ قومي حڪومت، پوءِ پرولتاري- ۽ اهي صاحب، اهي سيٺي يورڪيوچ، دونستوف ۽ اهڙي قسم جا موگا مارڪسوادي ساڳي سر هڪ راڳ آلاپڻ لڳن ٿا. اسان چئون ٿا سڀ کان اگر هڪ پرولتاري حڪومت چئو ته اهائي ڳالهه، مزدورن ۽ انسانيت جي پائيدار ۽ بنيادي مفاد جي حفاظت ڪندي، صرف ايترو ئي نه پر جمهوريت جي مفاد جو پڻ بچاءُ ڪندي ۽ جمهوريت کان سواءِ نڪي خودمختيار يوڪرين جو تصور ڪري سگهجي ٿو ۽ نڪي آزاد يوڪرين جو.

بچاڙيءَ هڪ مسٽر يورڪيوچ جي دليل جنهن هڪ قوم پرستي جا بي بها موتي ٿانڊڪيل آهن، هيٺين نڪتي تي غور ڪرڻ کپي: پاڻ فرمائي ٿو ته:

”يوڪريني مزدورن جي اقليت هڪ قومي شعور آهي، اڪثريت اڃا تائين روسي ڪلچر جي اثر هڪ آهي.“

پرولتاري طبقي جو ذڪر ڪندي سچي يوڪريني ڪلچر جي سچي مهاروسي ڪلچر سان ڀيٽ، بورجوا قوم پرستي جي فائدي هڪ پرولتاريا جي مفاد سان شرمناڪ غداري آهي.

جو هو ان نفرت جو ذري برابر به. ٿورڙي ڇڪتاڻ به مهاروسي مزدورن جي پرولتاري ڪلچر ۽ پرولتاري مقصدن جي خلاف محسوس ڪري ٿو ته اهڙو مارڪسوادي بورجوا قوم پرستيءَ جي ڏيڻ ۾ وڃي ڪرندو.
ص ٣٢-٢٥

روس اندر سڀني قومن جي مزدورن جي ايڪتا جي برعڪس يوڪريني مزدورن کي ڌار تنظيم ۾ 'قاسائي رکڻ' جي ڪوشش جي خلاف لينن، يوڪريني 'مارڪسوادي' ليف يورڪيوچ کي هن ريت اڳهاڙو ڪيو:

.... اجهو هي اٿو پيو "اگهاڙو ڇوڪر" "دزوين" (رسالي) وارو مسٽر ليف يورڪيوچ. جيئن ظاهر آهي مسٽر يورڪيوچ ٻي ڪانگريس جي روداد پڙهي آهي ڇو ته هاڻ پليخانوف جي لفظن جو حوالو ڏئي ٿو جيڪي گولڊبلاٽ ورجايا هئا ۽ اهو ظاهر ڪري ٿو ته هو انهي حقيقت کان واقف آهي ته حق خود اختياري جو مطلب حق عليحدگي هوندو آهي. بهرحال اها شيءِ کيس يوڪريني پيٽي بورجوازي ۾ روسي مارڪس وادين جي باري ۾ بدنام ڪندڙ ڳالهيون پکيڙڻ کان نٿي روڪي ته روسي مارڪسوادي روس جي "رياستي سلامتي" جا طرفدار آهن (١٩١٣ شمارو ٧-٨ ص ٨٣) بيشڪ اهي يورڪيوچ سڳورا، يوڪريني جمهوريت پسندن کي روسي جمهوريت پسندن کان ڌار ڪرڻ

جي لاءِ ڪوبہ سلو ڪوڙ گهڙي نٿي سگهيا. ان قسم جي علحدگيءَ "دزوين" ۽ لکندڙن جي پاليسي جي عين مطابق آهي، جيڪي يوڪريني مزدورن کي هڪ ڌار قومي تنظيم ۾ قلمي بند ڪرڻ جا حامي آهن!

بيشڪ، اها ڳالهہ قوم پرست ڪم نظرن جي جي گروهہ جي عين شايان شان آهي، جيڪي پرولتاريا جي صفن ۾ ڦوٽ وجهي رهيا آهن. ۽ بلڪل اهو ئي آهي "دزوين" جو خارجي رول. نہ قومي سوال کي منجهيل ست بنائي ڇڏين. هاڻ اهو چوڻ جي ضرورت ناهي.... تہ هو واتان هڪ لفظ بہ نٿا ڪڍن تہ پروگرام ۾ حق عليحدگيءَ جي مسئلي کي هو ڪهڙي ريت حل ڪرڻ چاهين ٿا" (ص-١٦٥-١٦٦)

هن بحث مان اهو بہ ظاهر ٿئي ٿو تہ ڇاڪاڻ جو لينن روس جي سڀني محنت ڪشن جي اتحاد ۽ متحد انقلابي جدوجهد جو علمبردار هو، ان ڪري سندس خلاف مظلوم قومن 'مارڪسي' جا قوم پرست اما پئي پروپيگنڊا ڪندا هئا تہ هو ۽ پيا روسي مارڪسوادي 'رياستي سلامتي' جا حامي آهن. ظاهر آهي تہ استحصالي حڪمران طبقن جي 'رياستي سلامتي' جي معنوالي انقلابي جدوجهد جي تباهي آهي. جڏهن تہ پورهيت عوام جي ملڪ گير ٻڌي ۽ جدوجهد جو مقصد نہ صرف حڪمران رياستي سلامتي جي نظرئي کي. بلڪ ان تي قابض حڪمران طبقن ۽ سماج ۾ استحصال کي

دفن ڪرڻ هوندو آهي. انقلابي رياست جي دفاع ۽
سلامتي جو تصور استحصالي رياست جي سلامتي واري
نظرئي جي بنهه ابتڙ آهي. پاڪستان ۾ ورهمت. انقلابي
پارٽيءَ جي خلاف مظلوم قومن جي ڪن نيشنلسٽ
حلقن ۾ اهو گمان گشت ڪندو رهندو آهي ته اها
رياستي سالميت، جي ٺيڪيدار آهي: نه ڪي ٺيڪيدار
آهي. نه ڪي مظلوم عوام ۽ مظلوم قومن جي آزادي
۽ ڇوٽڪاري جي لاءِ جدوجهد تي ڪري. اها غلطفهمي
جٿي رياستي ڏاڍ جي ڪري مضبوط ۽ ڀرپور وسيع
جمهوري تحريڪ جي نه اڀري سگهڻ. پاڪستان جي
حڪمران طرفان ننڍين قومن تي جبر جي نتيجي ۾
اڀري آهي نه ٻئي طرف مظلوم قومن جي نيشنلسٽ
بورجوازي جي نمائندگي ڪندڙن جي ان پروپيگنڊا جو
به ان ۾ خاص ڪردار آهي جنهن کي مظلوم
قومن اندر انقلابي پارٽي جي ذهنن ذهنن وڏنڊڙ
اثر ڪان زبردست خطرو لاحق آهي. قوم پرست بورجوازي
مثبت جمهوري، سامراج دشمن رول ادا ڪري سگهي
ٿي پر هو اهو هرگز نه چاهيندي ته منهنجي قوم جو
نوجوان، هاري ۽ مزدور انقلابي فڪر ۽ تنظيم اختيار
ڪري. ان ڪري "ڪامريڊن" جي خلاف ڪوڙ پروڙ
هٿي مظلوم عوام کي گمراهه ڪرڻ جي هن پاليسي کي
سندس "بي ايماني" نه پر طبقاتي مفادن جي مجبوري
آهي.

آپيشاهي راڄ، قوم پرستي ۽ علحدگي پسند لاڙو
۽ پرولتاريا جا ٻه اهم فـرض ـ ليڪن ان حقيقت کان
پوري ريت باخبر هوو ته آمرانه زارشاهي راڄ جي ڪري
قوم پرستانه ايـار ۽ ڳنڍوڳنڍ مظلوم ۽ محڪومـن ۾
علحدگي پسند رجحان جو پيدا ٿيڻ اٽر آهـي. اهڙي
صورت ۾ هن قومي حقن ۽ پرولتاريا جـي اتحاد جي
سوال جي اهميت کي نه وساريندي، روس جي پرولتاريا
جي فرض جي هن ريت نشان دهي ڪئي:

”.... مظلوم ۽ محڪوم قومن ۾ قوم پرستي جي
بيداري جيڪا ١٩٠٥ع کان پوءِ ايتري نمايان ۽ واضح
ٿي وئي آهي (اچو ته اسين پهرين دوما جي ”خودمختياري
پسندن ۽ وفـاق پرستن“ جي گروهه جي، يوڪريني
تحريڪ، مسلم تحريڪ جي اڀار جي ياد تازي ڪريون)
شهرن ۽ ڳوٺن ۾ مهاروسي پيٽي بورجوا جي قوم پرستي
۾ وڌي شدت پيدا ڪندي. روس جي جمهوري سانچي
۾ ڊاڄڻ جي رفتار جيتري سست هوندي اوتروئي وڌيڪ
هٽ ڌرمي، بيدردي ۽ شدت سان قومي فتني ۽ فساد
جي بازار گرم ٿيندي ۽ مختلف قومن جي بورجوازي
جا جهڳڙا زور وٺندا. روسي پورشڪوچن جي خاص
ڪري رجعت پسندانه نوعيت (مختلف مظلوم ۽ محڪوم
قومن کي ڪڏهن ڪڏهن پاڙيسري رياستن ۾ ڪٿين
پورا وڌيڪ آزادي ملول هوندي آهي) علحدگي پسند
رجحان پيدا (مضبوط) ڪندي.

اها صورتحال روس جي پــرولتاريا کي ٻه پاسائين فرض بيان واسطيدار بنائي ٿي: هڪ ته سيني قوم پرستن بيان خاص ڪري مهاروسي قوم پرستي سان جنگــــ ڪئي وڃي، عام طور تي سيني قومن جي هڪجهڙي برابري کي نه بلڪ رياستي حيثيت اختيار ڪرڻ جي حق جي برابري کي يعني قومن جي خوداختياري حق کي، عليحدگي جي حق کي تسليم ڪيو وڃي. ان سان گڏ خاص طرح هر شڪل ۾ سيني قومن جي قوم پرستي جي خلاف ڪامياب جدوجهد جي طرفداري (مفاد) ۾ پرولتاري جدوجهد ۽ پرولتاري تنظيمن جــي ايڪتا کي، قومي عليحدگي جي ورجوا خواهش جي بــاوجود، انهن تنظيمن کي هڪ مضبوط بين الاقوامي انجمن (واحد انقلابي پارٽي - سنڊيڪار) ۾ متحد ڪري بچايو ۽ برقرار رکيو وڃي. سيني قومن جي لاء بلڪل برابري، قومن جي خود اختياري حق، سيني قومن جي مزدورن جو اتحاد ـــ هي اهوئي قومي پــروگرام آهي جنهن جو سبق مارڪسزم، سڄي دنيا جــو تجربو ۽ روس جو تجربو مزدورن کي سيکاري ٿو... ص ١٧٥-١٧٣ قومي مسئلي جو تنقيدي جــائزو ۽ قومن جو حق خود اختياري.

ڪميونسٽ پارٽي آف سوويت يونين جي قومي جوڙجڪ.

۽ اڄ جڏهن سوويت - عوام ڪميونسٽ پارٽي آف سوويت يونين (CPSU) جي اڳواڻيءَ ۾ تــرقي يافته

سوشلسٽ سماج اڏي چڪو آهي. سوويت، پارٽي عوام جي بين الاقوامي پرستي پڌي جو لافاني مثال پيش ڪري ٿي. سوويت پارٽي جي قومي جوڙجڪ جي باري ۾ هي انگ اکر دلچسپي ۽ ڌيان لائق آهن.

"يو-ايس-ايس-آر هڪ گهڻ- قومي رياست آهي. جنهن ۾ ١٠٠ کان وڌيڪ قومون ۽ قوميتون آباد آهن. سي پي ايس يو (سوويت پارٽي)، ان جي آئيڊيالاجي ۽ ڍانچو ملڪ جي سموري عوام جي علامت آهي. سڀني سوويت قومن ۽ قوميتن جا ماڻهو پارٽي جا ميمبر آهن. (اڄڪلهه پارٽي ۾ هڪ ڪروڙ اسي لک ڪميونسٽ متحد آهن). يونين جمهوريائن جون ١٤ ڪميونسٽ پارٽيون ڪميونسٽ آف سوويت يونين سان لاڳاپيل آهن. هر پارٽي سي پي- ايس يو جي هڪ جز (Component) ۽ ان جو هڪ بين الاقوامي جٿو (International Contigent) آهي....

يوڪرين ۽ ڪزاخستان جي ڪميونسٽ پارٽين ۾ ١٠٠ قومتن منجهان، ڪرغيزيا، لتويا، تاجڪستان ۽ ترڪمانيه جي پارٽين مان هر هڪ ۾ ٧٥ قومتن منجهان ميمبر شامل آهن. ڪميونسٽ پارٽي آف ازبڪستان جي ميمبرن جو هيٺر تعلق ٨٤ قومتن سان آهي. روسي فيڊريشن جي علائقن Regions ۽ انتظامي علائقن ۾ سڀ پارٽي تنظيمون جوڙجڪ جي لحاظ کان گهڻ- قومي آهن. ماسڪو ريجنل پارٽي تنظيم ۾ ١٠٠ قومتن

سان تعلق رکندڙ مهمبر آهن. ص-١١٤ [ايس ٽي پي (SIP) پڻ- فيبروري ١٩٨٤ جي ٽورن سان] قومي مسئلي جو مارڪسي- ليننسي حل ۽ رجعتي سالميت جو نظريو هڪ ٻئي جا متضاد آهن.

پاڻ پاڻ جي قومن تي مشتمل سوويت يونين جي عوام جي عظيم تر اتحاد ۽ سوويت رياست جي قوت جو سرچشمو سوشلزم آهي. سرمائيداري قومن ۾ اڻ برابري، امتياز ۽ ٽڪر پيدا ڪري ٿي جڏهن ته سوشلزم اڻ برابري ۽ امتياز جي هر شڪل جو انت آڻي ٿي. سوشلزم هيٺ سوويت يونين ۾ قومن جو رضاڪارانه اتحاد، سوشلزم جي قومي برابري واري نظرئي جو ٺوس ۽ عملي ثبوت آهي. سوويت مثال جو هڪ پهلو اهو به واضح ٿو ڪري ته ٽڪرايل ۽ پوئتي پيل سامراجي تسلط جو شڪار ملڪ ۽ انهن ۾ موجود مظلوم ۽ محڪوم ۽ تشخص کان محروم قومون پڻ سامراجي زنجيرن کي ٽوڙي سوشلسٽ راهه تي هلي ڪري ٿي هر- گهڙ ترقي ماڻي سگهن ٿيون. اهو نظريو ته قومي جبر جي شدت جي ڪري ڪنهن جديد، نوآباديـاتي يا سرمائيدارانه راهه، وٺندڙ گهڻ قومي ملڪ اندر قومون هڪ ٻئي کان جدا ٿيڻ کانسواءِ خوشحالي ۽ ترقي حاصل نٿيون ڪري سگهن ۽ اتي انقلاب 'ناقابل عمل' آهي. بي بنياد آهي ۽ بين الاقواميت پرستي جي بدران بورجوا، قومپرستي عليحدگي پرستي ٿي وڃڪ

سامراج کي ٿون- آزاد، جديد نو آبادياتي ملڪن ۾ بورجوا جمهوريت ٿي سخت ناپسند آهي، انڪري سامراجي هر اهڙي جدوجهد کي جهڪا سندن مفادن تي ضرب هڻي سگهي ٿي، هر ممڪن حد تائين 'ناقابل عمل' بنائڻ جي سازش سٽيندا آهن. هو جمهوري تبديلين جو، قومي جمهوري انقلابن جو رستو روڪيندا آهن. گهڻ- قومي ملڪن اندر هنن جي پاليسي قومي جبر ۾ شدت آڻڻ جي هوندي آهي. ڪا رياست سامراج کان آزادي حاصل ڪري، قومي مسئلي جو مارڪسي- ليننني حل ڳولي قومن ۾ برابري قائم ڪري، ان کان وڌيڪ سامراجن جي لاءِ دل ڏاريندڙ صدمو ڪهڙو ٿي سگهي ٿو.

ڇاڪاڻ ته قومي مسئلي جو منصفاڻو حل صرف ۽ صرف انقلابي نظريو ۽ انقلابي پارٽي ئي 'قابل عمل' بنائي سگهن ٿا، انڪري سامراجن جي ڪوشش انهن جي مخالفت ۾ هر ممڪن هٿيار کي استعمال ڪرڻ واري هوندي آهي. انقلابي سامراج دشمن قومن کي هڪڙا ماڻهو "سالميت جو علمبردار" "قومن جي وجود جا منڪر" بنائي پيش ڪندا آهن، ته ٻئي طرف حڪمران ٽولا انهن کي "ملڪ دشمن" "صوبن جي وچ ۾ نفرت پکيڙيندڙ" ۽ "علائحدگي پرست" هجڻ جو خطاب ڏيندا آهن. اهو ٻطرفو عمل ترقي پسند قومن کي هڪ طرف مظلوم قومن جي جدوجهد کان ڪٽي

ڇڏڻ ۽ ٻئي طرف ملڪ جي جمهوري ۽ پورهيت عوام
جي گڏيل دشمن خلاف متحده جدوجهد ۾ سنڌن سرگرم
عملي ڪردار کي روڪڻ جي سازش هوندو آهي. اهوئي
سبب آهي جو ڪامريڊ جام ساقي ۽ سنڌس پارٽي جي
اري ۾ هڪ طرف اها پروپيگنڊا ڪئي وڃي ٿي تہ
هي قومي سوال کي اهميت ڪونہ ٿا ڏين ۽ مظلوم
قومن جي باري ۾ هنن جو رويو مسلم ليگ ۽ جماعت
سلامي جهڙو آهي تہ ٻئي طرف ڪامريڊ ساقي کي
وجي اذيت گاهن ۾ فوجي ٽولي جا ڇاڙتا تفتيشي
آفيسر اهو ٿا چون: "اسان ڪنهن اهڙي ڪميونسٽ
کي تہ برداشت ڪري ٿا سگهون جيڪو ڏلهي سوشلزم
جي ڳالهہ ڪري پر ٽوڪي برداشت نہ ڪنداسين جو
ـ توهان سوشلزم سان گڏ قومي حقن جي جدوجهد/چار-
مي نظرئي جي پرچار ڪريو ٿا." [حوالو- جام ساقي
و حيدرآباد ملٽري ڪورٽ ۾ بيان ۱۹۸۰] ان ۾
و شڪ ناهي تہ انقلابين کي هت ٽوڪي سالميت
ان وڌيڪ مظلوم عوام جي سلامتي ۽ حقن سان
لچسپي هوندي آهي پر حڪمران طبقن جي اها
وپيگنڊا ٻڻ بي بنياد هوندي آهي تہ اهي ملڪ کي
رهائڻ چاهين ٿا جو تہ هنن کي جاگرافيائي تبديلي
ن وڌيڪ سماجي تبديلي ۾ عوام جو ڀلو ڏسڻ ۾
ندو آهي. اهوئي ڪارڻ آهي جو قومي مسئلي جي
رڪسي- ليني، قومن جي رضاڪارانہ اتحاد واري حل

جي راهه ۾ رجعت پرست سالميت جو نظريو ۽ رجعت پرست واحدڪي پرست نظريو به حائل ٿين ٿا. مظلوم عوام جي، يعني قومن جي پورهيتن جي پڌي آهي ته مظلوم قومن کي صرف قانوني نه، پر حقيقي برابري ملي سگهي ٿي ۽ جي نه ته پوءِ اڄ سامراج جي دلال استحصالي طبقن جون پنج ئي آڱريون گيهه ۾ آهن ته پيارڻ "آزادي" ۾ ڪنهن سنڌي، بلوچ، پٺاڻ ۽ پنجابي جنرل ارشاد جهڙي جي مٿ پڌرو هوندو، اسان جون "آزاد" رياستون دبئي بنجي وينديون يا هانگ ڪانگ ۽ شايد پوءِ اهو چوڻو پوي ته "آزادي آئي پر ماڪ نه موتي مارئي". ان ڪري خوشفريبين ۽ خوشفهمين ۾ مبتلا ٿيڻ کان خبردار رهڻ کپي. قومن جي حقن تي ڪو سمجهوتو نٿو ٿي سگهي ۽ بلڪل اهڙو ئي اهم ۽ وڏيڪ پاڪستان جي سيني مظلوم طبقن ۽ حصن (جنهن ۾ مظلوم قومون پڻ شامل آهن بحيثيت هڪ ايڪي unit جي طور تي) جي جمهوري، سامراج دشمن اتحاد جي سوال تي- يعني مظلوم قومن جي حقن سميت سموري ڏتڙيل ۽ پيڙهيل عوام جي حقن تي- جيڪو ان صورت ۾ ئي اسان اڄوڪي سامراجي ڪٺ سان آزادي حاصل ڪري ڪنهن نئين ممڪن سامراجي غلاميءَ جي ڏيڻ ۾ ڦاسڻ واري امڪان جو رستو روڪي سگهون ٿا يا ان کان بچي سگهون ٿا.

## سوويت- قومن ۽ قوميتن جي اتحاد خلاف سامراج جو هٿيار قوم پرستي؟

جيئن مون مٿي بيان ڪيو آهي ته قومي مسئلي جو مارڪسي-ليننيي بين الاقواميت پرست حل ئي ڪنهن گهڻ- قومي ملڪ جي رضاڪارانه ۽ مضبوط اتحاد جو بنياد فراهم ڪري ٿو ۽ ذريعي، پنهنجي پهل قومن/قوميتن جي حقيقي ترقي کي يقيني بنائي ٿو. تنهن ڪري سامراجي سوشلزم جي راهه ۾ ڪنڊا وڇائيندا آهن. اڄ اها ڳالهه ڪجهه ڳالهه نه رهي آهي ته سوشلزم هيٺ هڪ سو کان وڌيڪ قومن ۽ قوميتن جو اتحاد سوويت يونين ۾ قائم آهي ۽ اهو هڪ اهڙو رضاڪارانه ميلاپ آهي جنهن جي نتيجي ۾ هڪ نئين قسم جي برادري "سوويت عوام" سڄي دنيا تي روشن اثر ڇڏي ٿي.

سوويت عوام جي ان اتحاد کي سامراجي تشويش جي نظر سان مسلسل ڏسندا رهيا آهن ۽ خواب ۾ ڇيڙا ڏسي رهيا آهن ته هو يو-ايس-ايس-آر جي عوام جي اتحاد کي قوم پرستي جي هٿيار سان ڪمزور بنائي سگهندا. سامراجي دانشورن تنهن چوٽي جا زور لاتا آهن ته سوويت عوام کي پٽي جي هيٺ ڪرڻ خاطر نت وان نفسياتي حربا ڪتب آڻين جيتوڻيڪ اهي ڪوششون پي ۾ ٽڪون اڇلائڻ کان وڌيڪ ڪجهه ناهن پر انهن ن آگاهي ضروري آهي.

'قوم پرستي- نفسياتي جنگ جو هٿيار' نالي هڪ

مضمون ۾ سوويت مصنف ڪنويدي مخالف سامراجي پروپيگنڊا کي اگهاڙو ڪيو آهي جيڪا بورجوا سوويت نقاد ڪندا پيا رهيا آهن. ليکڪ ان مضمون ۾ روسي سلطنت جي قبضي هيٺ آيل اڳوڻين مظلوم قومن ۽ موجوده سوويت قومن جي سوشلزم هيٺ مڪمل قومي برابري ۽ زبردست ترقي جي باري ۾ پڻ ٻڌايو آهي.

ليکڪ ٻڌائي ٿو ته جديد ڪميونسٽ دشمن پرچار ڪن جن 'سوشلزم جي پيچڊاهه' (خاتمي) واري نظر ٿي، ڪانسواء قومپرستي جو نئين سر جاڳيو "Revival" "سوشلسٽ نيشنلزم" "مذهب خاص طرح اسلام جو اڀار" (خاص سينٽر جي سوويت ريپبلڪس ۾)، "روسوائز Russification جو عمل" جون ڏند ڪٿائون ۽ هوائي ڳالهيون گهڙيون آهن ته جيئن سوويت عوام جي وچ ۾ اعتماد جو بحران پيدا ڪري سگهجي.

مثال طور بدنام زمانه برزنسڪي فرمائي ٿو: سوشلزم جي خلاف جنگ ۾ قوم پرستي جو هٿيار ڪتب آندو وڃي" ڇاڪاڻ ته سندس مطابق "پرولتاري بين الاقواميت پرستي هڪ متحد ڪندڙ جز طور پنهنجي اهميت وڃائي چڪي آهي." ڪمسادا جو هڪ سوويت نقاد برزنسڪي سان ها ۾ ها ملائيندي چوي ٿو "ڪميونسٽ دنيا ۾، هر هنڌ جوان قومپرستي ڦهليل آهي." هن صاحب جو خالو آهي ٽيريسا راڪوسڪا. هارمٽون،

برطانوي تاريخدان آرنلڊ ٽوئن بي جي خيال ۾ "ويهين صديءَ جي ٻئي اڌ ۾ قوم پرستي دنيا جي مضبوط ترين آئيڊيالاجي (نظريو) بڻجي چڪي آهي." ڪميونسٽ دشمني جا پرچارڪ باور ڪرائن ٿا ته قومن جي وچ ۾ "ابدي دشمني، ۽ مستقل ٽڪراءُ" آهي، از رهت هو بين الاقوامي دوستي ۽ تعاون جي نظرين جي مخالفت ڪن ٿا.

برطانوي ۽ اولهه جرمني جي ليکڪن هڪ ڪتاب ۾ دعوا ڪئي ته سوويت يونين ۾ قوم پرستي هڪ اهڙي ۽ مضبوط قوت آهي جيڪا طاقتور جذباتي توانائي رکي ٿي. جڏهن ته هڪ آمريڪي سوويت نقاد سوويت سينٽرل ايشيائي جمهوريائن ۾ مسلم خود رو بيداري جي باري ۾ لکي ٿو.

حقيقت ۾ اهو سڀ ڪجهه فضول اپاءُ کان سواءِ ڪجهه ڪونهي. يو-ايس-ايس-آر ۾ قومي مسئلي جو حل ويهين صدي جي سماجي ترقي جي عظيم ترين ڪاميابين منجهان هڪ آهي.

"اهڙي قومي پاليسي ننڍين قومن سان سامراجي رويي جي بنهه ابتڙ آهي. لبنان تي سمنڊ مان بمباري کان وٺندي گريناڊا جي فوجي قبضي تائين جو مثال ڪافي آهي. وچ اوڀر ۾، ڏکڻ آفريقا ۾ اتر آئرلينڊ ۾ انهن ملڪن ۾ شهري حقن جي لاءِ وڙهندڙ مجاهدن تي بي رحمانه ظلم ۽ ڏاڍ ڪيو ٿو وڃي. بيلجيم، برطانيا

۽ اسپين ۾ قومي اقليتن جي وچ ۾ تعلقات ڪشيده
آهن ۽ لاتعداد پرڏيهي مزدور اولهه يورپ ۾ غيرمعمولي
اسپين ۾ قومي اقليتن جي وچ ۾ تعلقات ڪشيده آهن
۽ لاتعداد پرڏيهي مزدور اولهه يورپ ۾ غير معمولي
استحصال ۽ امتياز جو شڪار آهن.... اهڙي قسم جون
زيادتيون آمريڪا ۾ معمول آهن. جتي موجوده انتظاميه
جي دور ۾ قومي جبر جو سماجي، اقتصادي نظام تمام
گهڻو چڙهيو تي ويو آهي. گورن جي پيٽ ۾ ڪارا
ڪٽنب، اڌ حصو ڪمائڻ تا] حاصل ڪن ٿا، گورن
جي پيٽ ۾ ڪارن ۾ بيروزگاري ٻيڻي آهي. انڊين
جهڙي آمريڪا جا اصلي رهاڪو آهن مصيبت ۽
شهري طنبيلن ۾ حماني گهارين ٿا.... وڌ ۾ وڌ جهالت
ڪمزوري، بورهيو ۽ ڏکن ٿاهن واري ڪهاڻي لاطيني
آمريڪا کان وطن ڇڏي ايندڙن جي نصيب ۾ آهي....
رجعت پرست بين الاقوامي طور تي نسل پرستن جي
جي حمايت ڪن ٿا. وڏي ۾ وڏو مثال ڏکڻ آفريقا
جي نسل پرست حڪومت جي ۽ اسرائيل جي صيهوني
ليڊرن جي آمريڪا طرفان سڌي ائين پشت پناهي آهي.
اهو سڀ ڪجهه ظاهر ڪري ٿو ته سامراج جي استحصالي
نظام عوام جي وچ ۾ ناتن کي موت ڪندي تي آڻي
رسايو آهي"....

پروپيگنڊسٽ اهو ڪوڙ به ڳهرن ٿا ته ڏورانهن
قومي علائقن ۾ سوويت اقتدار "سوويت قبضي فتح"

ذريعي قائم ٿيو هو. حقيقت ۾ اصل تاريخ سان ان جو ذرو به تعلق ناهي. ”سوويت اقتدار قومي علائقن ۾ پورهيت عوام پاڻ قائم ڪيو هو ڇو ته اهي پنهنجن حقن ۾ مفادن جي لاء وڙهيا. قومي علائقن جي پرولتاري عوام ۽ غريب هارين روسي پرولتاريا جي حمايت سان بالشويڪن جي اڳواڻيءَ سوويت راه پختگيءَ سان ورتي. سچي ڳالهه هي آهي ته هنن علائقن جي عوام ۽ بيع اڪولي سڄي روسي، سلطنت جي عوام (آبادي) سرخ فوج لاء رضاڪارانه طور تي خدمتون آڇيون ۽ انقلاب دشمن قوم پرستانه بغاوتن کي چيڀاڙڻ جي لاء هرهڪ سرگرم حصو ورتو. ۱۹۲۲ع ۾ يونين آف سوويت سوشلسٽ ريپلڪ (USSR)، عوام جي آزادانه اظهار ۽ قانوني طور تي حاصل مرضيءَ جي لتيجي ۾ وجود ۾ آئي [تشڪيل ڏني وئي....“

سوويت قومن جي جمهوريائن کي حاصل اختيارن جو اندازو هن مان لڳائي سگهجي ٿو.

....”اها ڳالهه هر ڪنهن جي علم ۾ آهي ته هر يونين جمهوريه هن ازبڪ جمهوريه سميت جتي هي ليکڪ رهي ٿو، کي پنهنجو هڪ آئين آهي. اها پنهنجي علائقي تي آزادانه رياستي اختيار هلائي ٿي، بنا ان جي ايراضي ۽ آبادي جي فرق جي- قومن جي سوويت ۾ جمترا ڪي ڪنهن جمهوريه جا ميمبر آهن، هن جمهوريه جا پڻ آهن. ان ڳالهه تي Defuteis

ڏيان ڏيڻ ڪپي ته حقيقي ۽ ڪڏوڪڏ عوام جي قانوني
برابري جي ضمانت سوويت يونين ۾ آهي. يو ايس ايس
آر سپريم سوويت جي سوويت آف نيشنلٽيز (قوميتن
جي سوويت) ۾ ٥٩ قوميتون آهن ۽ سوويت آف يونينز
۾ ٤٠ قوميتون آهن. يونين ۽ خودمختيار جمهوريتائن
جون سپريم سوويتس اصل قوم ۽ ان جمهوريا ۾ رهندڙ
ٻين قومتن جي پورهيت عوام جي رضا Will ۽ مفادن
جي ترجماني ڪن ٿيون."

عليحدگي جو نه ؟

"سوويت نقاد دعوا ڪن ٿا. جهڙي ريت 'سوويت
ايشين انڊ فرنٽيئرس' ڪتاب جي ليکڪن جيڪو
تازو آمريڪا ۾ ڇپيو آهي، لکيو آهي، مثلا: اسان
جون ٻه وڏيون جمهوريتائون حق خوداراديت ۽ سياسي
نظام جي انتخاب واري حق کان محروم آهن. اهڙو
الزام ان حقيقت جي بنياد تي هنيو ويو آهي ته ڪنهن
به سوويت جمهوريه، ڪڏهن به يو. ايس. ايس. آر کان
عليحده ٿيڻ جو سوال نه اٿاريو آهي. ان جو جواب
هي آهي ته اسان جي ملڪ جي عوام جي يونين (ٻڌي)
جي رضاڪارانه اصول جي يو. ايس. ايس. آر جي آئين
۾ ضمانت ڏني وئي آهي. جهڙي طرح لينن قومن جي
حق خوداراديت تي زور ڀريندي چيو هو ته: "حق
خوداراديت عليحدگيءَ، الڳ تڪر ڪرڻ ۽ ننڍڙيون
رياستون ٺاهڻ جي مطالبي جي برابر ناهي. ان جي

معنيٰ صرف سموري قومي جبر جي خلاف جدوجهد جو ڀرپور اظهار آهي...."

## زارشاهيءَ جي پڇڙيل قومن جي سوويت اقتدار هيٺ ترقي

"تاريخ ۾ اهڙو ڪوبه سماج ڪونهي جنهن قومن ۽ Ethnic گروهن جي هر ـ ڪهر ترقي لاءِ ايترو ڪجهه ڪيو هجي جيترو ڪي سوشلزم ڪيو آهي. جڏهن نه سامراج ٻين قومن کي ڦري ۽ انهن تي ستم، جيئن انهن مان وڌ ۾ وڌ نفعو ميڙي سگهي ـ ۽ سوشلزم گهٽ ترقي يافته عوام کي هر قسم جي اقتصادي ۽ ثقافتي مدد ڏئي ٿو. ان جي شاهدي وچ ايشيا جون سوويت جمهوريائون ڏين ٿيون.

سندس وجود ۾ اچڻ کان ئي سوويت ـ رياست، حقيقي برابريءَ جي حاصلات خاطر اڳوڻن پٺتي پيل علائقن جي تيز رفتار ترقيءَ جي لاءِ بجيٽ جون رقمون ڏيڻ سان ورهائڻ شروع ڪيون. نتيجي ۾، ١٩٢٢ کان ١٩٨١ جي عرصي ۾ ازبڪ جمهوريا جي صنعتي پيداوار ۴۱۰۳ - گُڻي، ترڪمنيا جمهوريه جي ۲۰۶ - گُڻي وڌي. ڪرغيز جمهوريه اڄ هڪ ڏينهن ۾ ايتري پيداوار ڪري ٿي جيتري ١٩١٣ع ۾ اڌ سال اندر ڪندي هئي. ان جي صنعتي پيداوار جا تقريبا ٦٠ اهم سوشلسٽ ۽ ڪيترن ئي صنعتي سرمائيدار ملڪن ڏانهن وڃن ٿا.

اسان جي قومي جمهوريائن غير معمولي ثقافتي ترقي ڪئي آهي. انقلاب کان اڳ ۾ وچ ايشيا ۾ ڪوبه اعليٰ تعليمي ادارو ڪونه هوندو هو. اڄ وچ ايشيا جي جمهوريائن ۽ ڪزاخستان ۾ ١٢٦ اعليٰ تعليمي درسگاهون آهن، جن ۾ ٦ لک ٢٠ هزار شاگرد تعليم حاصل ڪري رهيا آهن. هنن اعليٰ تعليمي درسگاهن ۾ اڪثر قومي ٻولين ۾ تعليم ڏني وڃي ٿي. اعليٰ تعليم يافته اسپيشلسٽن (ماهرن) جي تعداد جي سلسلي ۾ وچ ايشيا جون جمهوريائون ڪيترن ئي پاڙيسري پرڏيهي رياستن ۾ ڪيترن ئي ترقي يافته سرمائيدار ملڪن کان به گهڻو ڪئي وڌيون آهن- هتي ڪجهه انگ اکر ڏجن ٿا: ١٩٨٢-١٩٨٣ جي تعليمي سال جي شروع ۾ ازبڪستان ۾ هر ١٠٠٠٠ ماڻهن (آبادي) تي اعليٰ ۽ اسپيشلائيز سيڪنڊري ادارن جا ١٦٩ شاگرد، ڪرغيزيا ۾ ١٥٥ شاگرد، تاجڪستان ۾ ١٣٧ ۽ ترڪمينيا ۾ ١٢٧ شاگرد في ڏهه هزار آبادي تي هئا. ساڳئي حساب سان ايران ۾ اهو تعداد ٤٥، ترڪي ٧٣، اولهه جرمني ١٠٦ ۽ برطانيه ۾ ٩٨ هو.

”روسيائڻ جي عمل“ Russification جي ڏنڊ ڪٽا جيڪا مغربي پروپيگنڊا جو چڙيل شوشو آهي، پر حقيقت ۾ ڪوڙ آهي.

اصل ۾ سچي ڳالهه ان جي ابتڙ آهي: صرف سوويت اقتدار- جي سالن ۾ ئي اهو ٿيو آهي جو عوام جي

(هفتيوار نيو ٽائمس- ماسڪو- ۲۳- جون ۱۹۸۴ جي شڪريي سان.)

ذيلي عنوان پنهنجي طرفان ڏنل- امداد

هن مضمون جي چونڊ حصن کي ڏيڻ جو مقصد اهوئي آهي ته جيئن اسان جا وطن دوست م- ف جا دوست ۽ پيا پڙهندڙ "قومن جي گڏجي رهڻ" ۽ "سڀني قومن جي پورهيت طبقن جي اتحاد" سان وري بہ ورجائيندس واحد انقلابي- پورهيت پارٽي ۽ ان جي اڳواڻي ۾ انقلاب جي حاصلات کي بين الاقواميت پرستي جي جذبي سان نہ صرف محسوس ڪن پر ان ڏس ۾ عملي طور تي قدم وڌائين. سوويت يونين ۾ سوشلزم جي اڏاوت سوويت عوام جي سالها سال جي قربانين، پورهئي ۽ تخليق جو ثمر آهي ۽ ان ئي سوشلزم جو قل پنهنجي پيل، "غير مهذب" غير مهاروسي قومون بہ ڪاڻي رهيون آهن. جيڪڏهن سوشلزم هيٺ هڪ ملڪ ۾ وڏيڪ قومون ۽ قوميتون گڏجي رهي سگهن ٿيون تہ پوءِ پاڪستان ۾ چار قومون ۽ پيون ڏهل پنهنجي پيل قوميتون، ننڍڙيون قوميتي ۽ لساني ۽ ثقافتي اقليتون ڇو نہ اتحاد رهي سگهن. اصل ڳالهہ اها ناهي تہ قومون ڪي جن پوت آهن جيڪي هڪٻئي کي ڪاڻي ٿيون وڃن يا ڪالي ويڙهيون پر برائي جي جڙ ۽ پاڙ آهي سامراجي تسلط، سرمائيدارانہ راهہ ترقي ۽ آمرانہ سياسي ۽ رياستي ڍانچو — انڪري جيستائين

هن نظام کي، هن ڍانچي ۽ رياستي جي ميز کي تباه نه ڪيو ۽ هڪ نئين قسم جو منصفانه سماجي، معاشي، اقتصادي نظام نه اڏيو ــ اهو ــ ن اڄ جهڙو غيرطبقاتي سماج جو آدرش رکون ٿا پوروته ٿي سگهندو.

هاڻي اسين دوستن جي پيش ڪيل ڪجهه وڌيڪ اهم نڪتن جو اپياس ڪنداسين.

سندن چوڻ آهي ته "اينن هڪ طرف سچي يورپ ۾ گڏيل انقلاب بدران صرف روس ۾ انقلاب جي ڳالهه ڪئي، ۽ ٻئي طرف روس ۾ مظلوم قومن جي آزاديءَ جو جهنڊو پنهنجي هٿ ۾ (ظالم قوم) کنيو" ... هن يورپ ۾ گڏيل انقلاب جي مارڪس ۽ اينگلز جي بنيادي خيال کان انڪار ڪيو، ته هو روس ۾ انقلاب آڻڻ جي ڪوشش ڪئي. ڇا لينن قوم پرست هو، سوشلسٽ روس جي نعري ۾ قوم پرستي جي بنيادي مقصد کي هٿ ڪرڻ لاءِ اتي جي عوام کي دوکو ڏنو هو؟ ...

وطن دوست صرف هي ليکڪ دوستن دليلن جي هي پوري عمارت صرف ۽ صرف ان لاءِ تعمير ڪئي آهي ته جيئن هو ڪنهن به رياست اندر انقلاب آڻڻ جي عالمگير عمل جي اهڙي رياست جي صرف هڪ حصي يا جز جي عليحدگي سندن لفظن ۾ "قومي آزادي" جي حق ۾، مارڪسزم، لينزم کي 'استعمال' ڪن. انقلاب جي ڪاز سان مخلصي جي باوجود جهڙڪ ڏهن مارڪسزم- لينزم کي، دنيا جي سوشلسٽ،

ظاهر ٿئي ٿي سا تقريباً هن ريت آهي:

"مارڪس صرف يورپ ۾ انقلاب جي ڳالهه ڪئي. لينن صرف روس ۾ انقلاب جي ڳالهه ڪئي، جڏهن دوستن جي ان فارمولا کي اسان پنهنجي صورتحال تي لاڳو ڪيون ته شايد هيئن ٿيندو:

"اسين صرف پاڪستان ۾ انقلاب جي ڳالهه ڪيون ٿا ۽ دوست صرف سنڌ ۾ انقلاب جي ڳالهه ڪن ٿا."

ان جو نتيجو ڇا ٿو نڪري جنهن کي دراصل دوستن ظاهر ڪيو آهي. هيءَ ته مارڪس- اينگلز "يورپ ۾ گڏيل انقلاب" جي "ڳالهه" ڪئي، ائين نه ٿيو- انڪري پنهنجي ته مارڪس- اينگلز غلط هئا. اسين "پاڪستان ۾ گڏيل انقلاب" جي "ڳالهه" ٿا ڪريون انڪري دوستن جي سوچ موجب اسين به مارڪس- اينگلز جيان غلط آهيون ۽ "ناڪامي اسان جو مقدر آهي! پر ڇاڪاڻ ته لينن مارڪس- اينگلز جي بنيادي خيال کان انڪار ڪندي، "گڏيل يورپ" ۾ انقلاب جي ڪوشش ڪرڻ بدران "صرف روس" ۾ انقلاب آندو انڪري هو صحيح هو ۽ ڇاڪاڻ ته وطن دوست صرف جا دوست پڻ "صرف سنڌ" ۾ انقلاب جي "ڳالهه" ڪن ٿا انڪري هي به لينن جيان صحيح آهن ۽ ڪاميابي سندن قدم چمندي. صرف هڪ ڳالهه ڪرڻ سان سندن "صرف سنڌ ۾ انقلاب" واري "ڳالهه" صرف "ڳالهه" رهجي وڃي ٿي جڏهن "صرف روس" جي بدران "گڏيل

موضوعي جز آهي.

جيڪڏهن وطن دوست جي ليکڪ دوستن واري منطق تي گهرائي سان سوچيو ته صرف روس ۾ انقلاب جي ڳالهه ڪرڻ/ آڻڻ تي هو چون ٿا ته "ڇا لينن روسي قوم پرست هو؟" ته پوءِ ڇا يورپ ۾ انقلاب جي اڳ ۾ اچڻ جي، "ڳالهه ڪندڙن" جي حيثيت "يورپي قوم پرستن" واري لڳي ٿي.؟

لينن جي دور ۾ روس ۾ انقلاب ڇو ۽ مارڪس جي دور ۾ انقلاب ڇو نه؟

ان سوال تي يورپ آندروپوف ڪارل مارڪس جي سو- سال سالگره جي موقعي تي لکيل هڪ مضمون "ڪارل مارڪس جون تعليمات ۽ يو ايس ايس آر ۾ سوشلزم تعمير ڪرڻ جا چند سوال" ۾ مختصر طور هڪ هنڌ هيئن روشني وڌي آهي:

.... هڪ پختي بنهن رکندڙ بين الاقوامي پرست مارڪس کي مختلف ملڪن — برطانيه کان هندوستان تائين، فرانس کان چين تائين ۽ آمريڪا کان آئرلينڊ تائين — جي صورتحال/ حالتن جي منفرد خصوصيتن (specific features) کي پروڙڻ ۽ پرکڻ جي بي مثال صلاحيت هئي. ساڳي وقت تي جڏهن به هن ڪن خاص (ملڪن: سنڌيڪار) عوام جي زندگيءَ جو گهرو مشاهدو ڪيو تي هن کي مستقل طور اهڙن (بين الاقوامي ورستائي، دوستائي: سنڌيڪار) بندڻن Bonds جو ارادو

پئي رهندو هو جن جي وسيلي هو ان کي باقي دنيا جي زندگيءَ سان ڳنڍيو وڃي. ۽ هتي هن جي آڏو صدائين اهو بيحد اهم سوال هو: ڪدر سرمائيدارانه نظام جي انقلابي تباهي جي شروعات ڪندو ۽ انسان ذات جي ڪميونسٽ مستقبل ڏانهن وڌڻ راه تي سڀ کان اڳ ۾ ڪامزن ٿيندو؟

هن سوال جو جواب تاريخ ڏنو.

ايتريقدر جو اڄ به آڪٽوبر انقلاب جا "نقاد" موجود آهن جيڪي الزام هڻن ٿا ته هو انقلاب مارڪس جي ٿيئري توقعات جي برخلاف برپا ٿيو. هو ڪوڙي دعوا ڪن ٿا ته مارڪس سندس انقلابي اڳڪٿين ۾ روس کي خارج از امڪان قرار ڏئي ڇڏيو هو. پر حقيقت ۾ هن روس جي واقعن ۾ غير معمولي دلچسپي ڏيکاري. انهن کي چڱي طرح سمجهڻ لاءِ هن روسي ٻولي سکي. زارشاهي جي جڳري مخالف مارڪس پيغمبرانه طور تي روس ۾ وڌندڙ، ايرندڙ سماجي تحريڪ جي امڪانن جو اندازو لڳايو ۽ هن ڏٺو ته روس ۾ "هڪ انتهائي شاندار سماجي انقلاب" پچي، تيار ٿي رهيو آهي جيڪو عالمي اهميت رکندڙ هوندو. اصل ۾ اسان جي دور جي اڄوڪن "نقادن" کي ايترو ماضيءَ جي واقعن جو به ڪاٿو ڪونهي جيترو مارڪس کي مستقبل جي واقعن جو وڏيڪ صحيح اندازو هو........

لينن مارڪس ۽ اينگلز جو وفادار پيروڪار هو.

سوشلسٽ انقلاب جي ٿيوري ۾ ٿي، زندگي ان جي سچائي تي مهر هڻي چڪي آهي.

اڄ بورجوازي ۽ اصلاح پرستي جا نظريه دان اهو ثابت ڪرڻ جي ڪوشش ۾ ڏلهلن جو هڪ پورو نظام گهڙي رهيا آهن ته يو ايس ايس آر ۽ ٻين برادر ملڪن ۾ اڏيل نئون سماج، سندن موجب: سوشلزم جو اهو قسم ناهي جنهن جي مارڪس تصوير چٽي هئي....
(STP: سوشلزم: ٿيوري اينڊ پرئڪٽس سيپٽمبر ۹- ۱۹۸۳
ص: ۱۳-۱۴-۱۵ جي شڪريي سان)

لينن جو دور هڪ هٽي سرمائيداري جو، عالمي اقتصادي نظام جي تشڪيل جو يعني سامراج جو ۽ سوشلسٽ، قومي جمهوري ۽ قومي آزادي جي انقلابن جو دور هو ۽ آهي. لينن هن دور جو سائنسي ۽ تخليقي تجزيو ڪندي اهو نتيجو اخذ ڪيو ته سوشلسٽ انقلاب سامراجي زنجير جي ڪمزور ڪڙي تي ضرب هڻي برپا ڪيو ويندو ۽ پرولتاري انقلاب جي برپا ٿيڻ ۾، سامراج جي عالمي نظام اندر شديد تضاد پڻ اهم ڪردار ادا ڪندا.

بعد ۾ حالتن ۽ واقعن ثابت ڪيو ته اها ڪمزور ڪڙي روس هو. انڪري ان تي پرولتاريا فتحمند ٿي.
۽ اڄ جنهن مرحلي مان انسان گذري رهيا آهيون تنهن جي مکيه خصوصيت اها آهي ته اهو آڪٽوبر انقلاب کان پوءِ جو، عالمي سوشلسٽ نظام جي تشڪيل جو،

عالمي طور تي سوشلزم جي فيصلي ڪن قوت هجڻ ۽ سامراج جي وڌندڙ شڪست جو مرحلو آهي.

سامراج جي تنها راڄ واري دور ۾ سوشلسٽ انقلاب ڪنهن اهڙي وڏي ملڪ ۾ برپا ٿي سگهيو ٿي جيڪو طاقتور سامراجي ملڪن جي وار جو مقابلو ڪري سگهي جتي انقلاب پاڻ کي بچائي ۽ پنهنجن پيرن تي بيهي سگهي. مثلاً روس آڪٽوبر انقلاب ڪامياب ٿيو. ٻيو پرولتاري انقلاب يا ته اهڙي ملڪ ۾ برپا ٿي بچي سگهيو ٿي جيڪو روس جهڙو طاقتور ملڪ هجي ۽ جي نه ته روس جي سرحدن لڳ هجي. (مثلاً منگوليا) ٻي صورت ۾ سامراجي ملڪن جي گهيري ۾ آيل ڪنهن به ملڪ کي سامراجي تباهه ڪري پئي سگهيا.

موجوده دور جي نئين مرحلي جي خصوصيت هيءَ به آهي ته اڄ سوشلسٽ ڪئمپ جي موجودگي، سوشلزم جي فيصلي ڪن حيثيت جي ڪري انقلاب دنيا جي ڪنهن به خطي ۾ ڪوبه ملڪ/ عوام عالمي سوشلسٽ ڪئمپ جي مدد تي ڀروسو ڪندي، آڻي ۽ مستحڪم بنائي سگهي ٿو. بقول وڪٽر تانگستڪو جي هي دور "انقلاب جي جاگرافي" بدلجي وڃڻ جو دور آهي.

جيستائين لائوس، ڪمپوچيا ۽ ويتنام جو تعلق آهي، ان جي باري ۾ خود دوست اهو چون ٿا ته اهي فرانس جي قبضي ۾ هئا ۽ فرانس انهن کي زبردستي هڪ رياست ۾ شامل ڪري ڇڏيو هو.... هوچي منه

آزادي جي حاصلات کانپوءِ هندستان کان الڳ ٿي ننڍڙيون رياستون اڄ ڇو ڌار آهن؟ دوستن جي دلولي ۽ جملي مقصد موجب اڄوڪي دور ۾ سامراجي تسلط جي شڪار ملڪ جي عوام کي گڏجي سامراج ۽ استحصال کان آزادي لاءِ جدوجهد ڪرڻ کپي بلڪه هو ڪهڙي قومي رياست کي ٽڪر ٽڪر ڪرڻ کپي ورنه سوشلسٽ انقلاب نه اچي سگهندو.

ويٽنامي عوام جي فرانسيسي ۽ بعد ۾ آمريڪي سامراج کان قومي آزادي جي جدوجهد ۽ پاڪستان ۾ سنڌ يا ڪنهن به ٻي مظلوم قوم جي "پنجابي سامراج" "ظالم قوم" کان عليحدگي جي تحريڪ هرگز قومي آزادي جي تحريڪ نٿي سڏي سگهجي، ڇو ته هتي آمريڪي سامراج جي خلاف رياست ۾ هلندڙ مشترڪ جدوجهد جي نئين تقاضائن جي بنياد تي هي نظريو قائم ٿيل ناهي پر ان نظريي جو اصل بنياد سا...ي ۾ موجود قوم پرستانه ڇڪ آهي. جو ته پاڪستان ۾ انقلاب لاءِ سامراجي دشمن جمهوري ۽ انقلابي جدوجهد ۾ شرڪت ڪرڻ کان پوءِ سڀني قومن جي محنت ڪش عوام جي وچ ۾ ٻڌي قائم ڪرڻ لاءِ زبردست جاڪوڙ کان پوءِ، ملڪ جي انقلابي تحريڪ ۾ سرگرم عمل ٿيڻ ۽ جنهن جي سهڪار سان هي نظريو "سياست مجبوري" اختيار نه ڪيو ويو آهي. بلڪ ان جو بنياد شروع کان ئي محدود مقصد آڏو رکي، اڏيو ويو آهي.

مقابلو ڪندو ۽ انقلاب ڏانهن پيشقدمي ۾ ڪري سامراج
جي شڪست ۽ پنهنجي آخري فتح تائين جاري رکندو.
جاڪاڻ ته هڪ ته عوام جي متحد ۽ منظم قوت جي
آڏو ڪابه پاڙيتو سامراجي قوت نٿي بيهي سگهي، عوام
کان ڪٽي نٿي سگهي ۽ بيو ته هن علائقي جي صورتحال
(Regional Stuation) پاڪستان جي سامراج دشمن
جمهوري عوام جي سوپ لاءِ مجموعي طور تي ۽ اتريقدر
جو ان جي ڪنهن به خبر جي عوام جي سوپ لاءِ بلڪل
انتهائي سازگار آهي.